ڪلامِ خليفه

شفيق احمد چنا "خليفي" جي شاعريءَ جو مجموعو

مرتب

اعجاز علي سوڍر

پي ايڇ ڊي اسڪالر ميهڙ

SHAD شاد

ڪلامِ خليفه شفيق احمد چنا "خليفي" جي شاعريءَ جو مجموعو مرتب: اعجاز علي سوڍر

شاد پبليڪيشن حيدرآباد



سائين محترم مولانا اعجاز علي سوڍر منهنجو پيارو ۽ بهترين دوست آهي. سندس علمي شغف کان چڱيءَ ريت واقف آهيان. پاڻ هن وقت هاءِ اسڪول نمبر 1 ميهڙ ۾ بطور JEST علمي تدريس جي خدمت ڪري رهيو آهي. پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ PhD جو شاگرد پڻ آهي. هن کان اڳ سندس 3 تحقيقي ڪتاب ۽ هڪ ترتيب ڏنل ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هي سندس پنجون ڪتاب آهي. سندس ڏهاڪو کن تحقيقي آرٽيڪل ريسرچ جرنلن ۾ ڇپيل آهن. پاڻ ڪلمڪ، محبتي ۽ مخلص شخصيت جو مالڪ آهي. پاڻ لکڻ پڙهڻ جو بيحد شوق رکندڙ آهي. اميد آهي ته پاڻ اهڙيون علمي خدمتون سرانجام ڏيندو رهندو.

محمد موسيٰ ڪوسو

پرائمري اسڪول ٽيچر فريدآباد







بسم الله الرحمن الرحيم

ڪلامِ خليفه

شفيق احمد چنا "خليفي" جي
شاعريءَ جو مجموعو

مرتب:

اعجاز علي سوڍر

پي ايچ ڊي اسڪالر ميهڙ

ڇپائيندڙ

(Ash-Shafeeq Welfaire Association Mehar)

الشفيق ويلفيئر ايسوسيئشن "آس" ميهڙ، 2023ع

ڪتاب جو نالو:	ڪلامِ خليفہ شفيق احمد چنا ”خليفي“ جي شاعريءَ جو مجموعو
موضوع:	شاعري
مرتب:	اعجاز علي سوڍر
سهڪار:	صاحب خان چنا نائب صدر ”آس“ ويلفيئرايسوسيئيشن لال شاهہ ڪالوني ميهڙ
ڇاپو پهريون:	سيپٽمبر 2023ع
ٽائٽل/لي آئوٽ:	شاهزيب ميمڻ ايس ايم ڊيجيٽل پرنٽنگ حيدرآباد
تعداد:	500 پنج سئو
ڇپائيندڙ:	(Aas)

(Ash-Shafeeq Welfaire Association Mehar)
(الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ”آس“ ميهڙ)

ڇپيندڙ:	شاد پبليڪيشن حيدرآباد
قيمت:	500 روپيا

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

سائين شفيق احمد چنا ميهڙ/03003253283
اعجاز علي سوڍر ميهڙ/03013349366
پيڪاڪ ڪتاب گهر حيدرآباد/ 03043018300
الاحسان بوڪ اسٽال ميهڙ/03003671729

ارپـــنـــا

مان پنهنجي هن ڪاوش کي سنڌ جي شاعرن،
اديبن ۽ محققن کي ارپيان ٿو.

عليك بتقوى الله ان كنت غافلاً
يأتيك بالارزاق من حيث لا تدري
فكيف تخاف الفقر والله رازقاً
فقد رزق الطير و الحوت في البحر

Kalam-E-Khaleefah

(Shafique Ahmed Channa)

Compiled By

(Aijaz Ali Sodhar, PhD Scholar, Mehar)

فهرست

پبلشر پاران
(ديدار ”شاد“ گوپانگ)
05

ٻه اکر
(صاحب خان بن شفيق احمد ”خليفو“ چنا)
06

مرتب پاران
(اعجاز علي سوڍر)
08

شفيق شفقت ڀريو انسان (مهاڳ)
منير الحق چنا
17

شاعري
23 کان 160

پبلشر پاران

نثر ۽ نظم ادب جا ٻہ مکيہ حصہ آهن. ترقي يافتہ قومون پنهنجي حيات لاءِ ادب جو سهارو وٺن ٿيون. ڪڏهن نثر جي صورت ۾ تہ وري ڪڏهن نظم جي صورت ۾. عالم، اديب، تاريخدان، محقق، مصنف ۽ شاعر قومن جو سرمايو هوندا آهن. معاشري جا هي بهترين فرد شمار ٿين ٿا. هي پنهنجي معاشري جي عڪاسي پنهنجي قلم ذريعي بهترين نموني ڪن ٿا.ڪڏهن تاريخ جي ورقن ۾ پنهنجي قوم ۽ پنهنجي وطن کي محفوظ ڪري پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ پيغام رسائڻ جي خدمت ڪن ٿا. پنهنجي سماج جي اصلاح لاءِ هر وقت ڪوشان رهندا آهن. پنهنجي سماج ۾ موجود برائين جي نشاندهي ڪرڻ، پنهنجي ماڻهن جا اهنج بيان ڪرڻ، معاشري جي بهترين ڪردارن جي حوصلا افزائي ڪرڻ، ٻُرن عنصرن جي پتِ وائکي ڪرڻ ۽ سماج جي سڌاري لاءِ ڪارآمد مشورا ڏيڻ هنن قوم جي سرماين جو مقصد حيات ٿئي ٿو .

اسان جي بهترين علمي ادبي دوست محترم اعجاز علي سوڍر (PhD Scholar) ڏاڍي جاکوڙ سان ميهڙ جي مشهور فلاحي خدمت ۾ نمايان رهندڙ شخصيت محترم سائين شفيق احمد (خليفو) چنا صاحب جي شاعري کي سهيڙي هي ڪتاب ”ڪلامِ خليفه“ ترتيب ڏنو آهي. شاعريءَ جو هي ڪتاب شاد پبلڪيشن حيدرآباد طرفان شايع ڪري پڌرو ڪجي ٿو.

شاد پبلڪيشن حيدرآباد طرفان علم ادب ۾ واڌاري ۽ علمي خدمت جي جذبي تحت ڪتاب شايع ڪرائڻ جو مرحليوار سلسلو جاري آهي. انهيءَ خدمت لاءِ اوهان سڄڻن جي سهڪار ۽ سات جي ضرورت محسوس ڪريون ٿا. اميد آهي تہ علمي خدمت جي هن سفر ۾ اوهان سڄڻن جو سات ضرور نصيب ٿيندو رهندو.

ديدار شاد گوپانگ
شاد پبلڪيشن حيدرآباد

ٻہ اکر

انسان الله تعالىٰ جي تمام سهڻي تخليق آهي. منجهس جيڪا ڪاريگري رکي اٿائين سا ٻہ قابل ديد آهي. پاڻ انسان کي علم جي دولت عطا ڪري کيس اشرف المخلوقات جهڙو عظيم درجو پڻ ڏنائين. انسان جو اصل مادو اُنس ئي آهي. هر هڪ انسان کي الڳ الڳ درجو عطا ٿيل آهي. انسانن ۾ رشتيداريءَ جي ڪري پاڻ ۾ ميٺ ۽ محبت وڌيڪ هوندي آهي. منهنجو بابا سائين محترم شفيق احمد ”شفيق“ چنا صاحب اسان اولاد لاءِ شفيق پيءُ تہ آهي ئي پر ان سان گڏ هر انسان سان سندس شفقت وارو رويو هر دل ۾ پنهنجو هڪ مقام جوڙي وٺي ٿو. منهنجو تہ بابا سائين آهي. انهيءَ ڪري هو منهنجي لاءِ جنت جو دروازا آهي. سندس هنج ۾ ڪيڏيو ۽ پليو آهيان. مون پنهنجي بابا سائين کي سندس نالي جيان واقعي ڏاڍو شفيق، مخلص، سچو، همدرد، صلہ رحمي ڪرڻ وارو ۽ ٻين جو درد محسوس ڪرڻ وارو ئي ڏٺو آهي. مان سندس پٽ آهيان. انهيءَ ڪري مان جيڪو ٻہ بابا سائين لاءِ لکندس ۽ چوندس تہ اهو شايد حجت نہ هوندو پر سائين محترم مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب مجبور ڪيو تہ پنهنجي والد صاحب جي باري ۾ ڪجهہ لکي ڏيو. تنهن ڪري مجبور ٿي کيس ڪجهہ اکر لکي ڏيڻ جي همت ڪيم. بابا سائين اسان اولاد جي تربيت ۾ همدردي ۽ ٻين جي مدد ڪرڻ

جو خيال ڪجھ وڌيڪ رکڻ جي هميشہ ڪوشش ڪئي آهي. هميشہ ڀلائي ڪرڻ جي نصيحت ڪرڻ اسان اولاد لاءِ هڪ وڏي سعادت آهي. ايئن بہ ناهي تہ پاڻ کو صرف اسان کي نصيحت ئي ڪندو هجي پر پاڻ انهيءَ جو عملي ثبوت پڻ پيش ڪندو رهي ٿو. بابا سائين کي شاعري لکڻ جو شوق اسان جي پيدا ٿيڻ کان اڳ آهي. پاڻ شاعري لکندو رهيو مگر پنهنجي شاعري محفوظ نہ ڪندو هو. جنهن ڪري سندس ڪافي مواد بلڪ پراڻو تقريبًا سمورو مواد نہ ملي سگھيو. سائين اعجاز علي سوڍر صاحب جڏهن مون کي چيو تہ هو بابا سائين جن جي شاعري کي ترتيب ڏئي هڪ ڪتاب ڇپرائڻ چاهي ٿو تہ سندس چوڻ جي نتيجي ۾ جيڪو مواد ميسر ٿي سگھيو اهو کيس فراهم ڪيو. مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب جي تمام وڏي مهرباني جو پاڻ منهنجي بابا سائينءَ جي شاعريءَ کي سهيڙڻ جو ارادو ڪري عملي طور قدم کڻي چڪو آهي. مان سندس نهايت شڪر گذار آهيان. مان کو ليکڪ ناهيان جو ڪجھ لکي سگھان پر مولانا صاحب جي اصرار تي بس ايترو لکي سگھيس.

صاحب خان بن شفيق احمد ”خليفو“ چنا ميهڙ

مرتب پاران

انسان کي الله رب العزت طرفان جيڪي انعام و اڪرام عطا ٿيل آهن انهن ۾ علم ۽ بيان ڪرڻ وڏي اهميت جا حامل آهن. بيان ڪرڻ جي سگهه جيڪا انسانن کي عطا ڪئي وئي آهي اها انسانن منجهه ٻي مخلوق جي مقابلي ۾ سرس آهي. انسانيت جي ابتدا حضرت بابا آدم عليہ السلام کان ٿي. کيس علم عطا ڪري فرشتن مٿان بہ فوقيت ڏني وئي. انسانن منجهہ بہ علمي، ذهني ۽ شعوري مختلف درجا ۽ مختلف طبيعتون ٿين ٿيون. حضرت انسان کي علمي ۽ عقلي فوقيت بخشي ڪائنات جي رمزن جي سمجهڻ جي صلاحيت پڻ عطا ڪئي. علم ۽ ڏاهپ خدائي دَين آهي. اها دَين بہ ڪنهن کي گهٽ تہ ڪنهن کي وڌيڪ نصيب ٿئي ٿي. جيئن ڪردار جي ڪري انسان موت پڄاڻان بہ دلين منجهه زنده رهجي ويندو آهي بلڪل ايئن ئي انسان قلم جي طاقت سان موت کي بہ مات ڏئي موت کان پوءِ بہ زنده رهجي ويندو آهي. جيئن ماضيءَ جي جهروڪن ۾ جهاتي پائڻ سان سُرور ملندو آهي، ننڍڙن ٻارڙن جي ٻاروتڻ ۽ طوطلي زبان منجهان نڪرندڙ جملا قلبي سڪون بخشيندڙ ٿيندا آهن ۽ انسان انهن ٻاتڙن ٻولن کي هميشہ لاءِ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ماضيءَ جي انهن انمول ايامن ۾ جهاتي پائي پيو سُرور وٺندو آهي بلڪل اهڙي ريت انسان پنهنجي ذوق ۽ شوق ۾ محو ٿي جڏهن شوق جي انڌي گهوڙي تي سوار ٿي حد رفتار هلندو آهي ۽ اڪثر ڪري پنهنجي انهيءَ شوق منجهه مهارت بہ

حاصل ڪري وٺندو آهي. جڏهن ان انسان کي پنهنجي شوق جي شروعات وارا لمحا ياد ايندا آهن يا ڪا ڳالهه ذهن جي اسڪرين تي اچانڪ اچي ويندي آهي تہ هو مسڪرائي پنهنجي ٻاراڻي حرڪت مٿان پاڻ ئي دل ئي دل ۾ ڪلندو آهي. بيشڪ بعد ۾ ڪيس پاڻ کي ئي سندس شروعاتي ايام ٻاراڻي ڳالهه محسوس ٿيندا هجن پر پوءِ بہ انهن لمحن ۽ يادن کي ساري پيو محظوظ ٿيندو آهي. بلڪل اهڙي طرح هڪ رٽايرڊ يا آن ڊيوٽي آفيسر پنهنجي ٻچپن جي ڪاپين کي بہ بار بار ڏسي پيو مسڪرائيندو آهي ۽ پنهنجو پاڻ تي ڪلندو آهي. هر انسان معاشري ۾ پنهنجي هڪ حيثيت رکي ٿو. بيشڪ معاشري ۾ موجود ٻيا ماڻهو ڪيس ڪا اهميت نہ ڏيندا هجن، سڃاڻپ کان بہ انڪاري هجن يا عزت نہ ڏيندڙ هجن تہ بہ انهيءَ انسان جي معاشري ۾ ڪا عزت ۽ حيثيت ضرور هوندي آهي. بيشڪ ٻين جي لاءِ هو ڪجهہ بہ نہ هجي، ٻين وٽ سندس ڪا حيثيت نہ بہ هجي تہ بہ هو پنهنجي اولاد ۽ گهر وارن لاءِ انمول ٿئي ٿو.

اسان جي شهر ميهڙ جي مشهور علمي ادبي شخصيت سان گڏ فلاحي خدمت ۾ اڳ ڀرو رهڻ واري عظيم انسان محترم سائين شفيق احمد (خليفو) چنا صاحب جي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج ناهي. سائين جن جي شخصيت ۽ ڪردار کان متاثر ٿيندڙ ماڻهن ۾ ٻين جيان راقم بہ شامل آهي. سائين جن پنهنجي مگن ۾ مست ٿي فلاحي خدمت ڪرڻ ۾ ميهڙ ۾ ڪافي سرگرم رهندو آيو آهي تہ انهيءَ سان گڏ

ٿوري گهڻي شاعري به ڪندو رهندو آهي. مان ڪو شاعريءَ جو وڏو ڄاڻونگر ناهيان جو سندس شاعري تي ڪو بحث مباحثو ڪريان. منهنجي قلم جي نوڪ تحقيقي مضمون ۽ نثر لکڻ جو ادنيٰ شاگرد آهي. پر پوءِ به ٿورو گهڻو الفاظن کي پاڻ ۾ جوڙي ڪافيو ۽ رديف ملائڻ جي اڻ پوري ڪوشش ڪري آڱر ڪٽرائي شهيدن جي فهرست ۾ شامل ٿيڻ جو خواهشمند آهيان. شاعري جي ميدان منجهه مون کي ايتري استعداد ناهي جو ڪنهن به شاعر جي شاعري مٿان پنهنجا تاثر ڏئي سگهان. انهيءَ ڪري سائين شفيق احمد (خليفو) چنا صاحب جي شاعري مٿان پنهنجا تاثر ڏيڻ کان قاصر آهيان. سائين شفيق احمد جي شخصيت اسان جي ميهڙ منجهه پنهنجي حيثيت آهر مسڪين ماروئڙن جو سهڪار ڪرڻ، حاجت روائي ڪرڻ جي جستجو ڪرڻ، پنهنجي آخرت سنوارڻ، پنهنجي معبود جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ محتاجن جا اهنج دور ڪرڻ جي حتي الامڪان ڪوشش ۾ رڌل هوندي آهي. فلاحي ڪم ڪرڻ کيس سندس ابا و اجداد کان ورثي ۾ مليل آهي. پاڻ نهايت معاف ڪرڻ واري شخصيت جو مالڪ آهي. کيس ڪئي دفعا اهڙا رنج رسندا آهن جو اگر ٻيو ڪو هجي ته سهڪار ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي پر ان اهنج رسائڻ واري کي سلام ڪرڻ به گوارا نه ڪري. مگر جَس آهي سائين شفيق احمد کي جو اهڙي برداشت وارو مادو رکي ٿو. مون هڪ ڀيري اها ڳالهه ڪانئس پڇي ته سائين آخر ايئن ڇو؟ توهان جنهن سان ڇڱائي ڪيو ٿا، پنهنجي وت ۽ وس آهر سندس مدد

۽ ڪيو ٿا پوءِ ۽ هو توهان کي جڏهن رنج رسائڻ ۾ وسان گهٽائي ڪين ٿو ته پوءِ توهان ڪانئس ڪنارا ڪشي ڇو نه ٿا ڪريو؟ منهنجي انهيءَ سوال تي ڪلي جواب ڏنائين ته ادا سائين سفا سادو آهين. بابا مون کي امڙ جيڪا لولي ڏني، بابا سائين جيڪا تربيت ڪئي، گهر ۾ جيڪو ماحول مليو آهي منهنجي طبيعت ان مطابق آهي. مون کي چڱائي ڪري قلبي سڪون نصيب ٿيندو آهي. منهنجي دل ڪڏهن ۽ اهو ناهي مڃيندي ته مان ڪو ڪنهن کان انتقام وٺان يا جهڙو مون سان عمل ڪري ته مان ۽ موٽ ۾ ساڻس ايئن ئي ڪريان. بس هر ڪو پنهنجو طبيعت ۽ تربيت جو اثر قبول ڪندو آهي. الحمدلله مون کي جيڪا تربيت نصيب ٿي آهي مون کي انهيءَ مطابق زندگي گذارڻ ۾ خوشي ملي ٿي. سائين شفيق احمد واقعي پنهنجي نالي جي مصداق شفقت سان ڀرپور شخصيت ئي آهي. پاڻ پنهنجي دل جي ڳالهه کي سٺن لفظن ۾ پروئي شعر جي صورت ۾ فيس بوڪ ۽ واٽس ايپ تي ۽ رکندو آهي. مون کي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته ڇونه سندس انهيءَ محنت کي سهيڙي ڪتابي شڪل ۾ آڻجي؟ انهيءَ ڪري سائين جن جي شاعري کي ڪٺي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرڻ جي اڻ پوري ڪوشش ڪئي اٿم. اگر ڪنهن دوست کي سائين شفيق احمد صاحب جي شاعري ايترو متاثر نه ۽ ڪري تڏهن ۽ آءٌ ڪيس مٿس تنقيد ڪرڻ جو حق هرگز ڏيڻ جو حامي ناهيان. ڇاڪاڻ جو هي سندس شوق آهي. سندس پنهنجي ذاتي ذوق کان متاثر ٿي هو پنهنجي لفظن کي

سهيڙي شاعريءَ جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو. ڪيس لکڻ جو شوق آهي تڏهن ته هو پنهنجي شوق کي عملي جامو پهرائڻ جي همت ڪري ٿو. راقم جڏهن مولانا حبيب الله ڏيرو المعروف حبيب حضوري جي ديني ۽ علمي خدمتن تي هڪ ڪتاب لکيو ۽ سنڌ جي سگهڙ شاعر ميهڙ جي مَهڪ محبوب علي (محبوب) ڏيپر جي خدمتن مٿان ڪتاب لکيو ته ڪجهه دوستن جي زباني پنهنجي لاءِ "درٻاري ليکڪ" هجڻ جا ناگوار لقب ٻڌڻ لاءِ مليا. مون کي سندن ڪم علمي ۽ ڪم همتي تي رحم آيو. سوچيم ته عجيب سوچ جا مالڪ آهن. ڪم علمي انهيءَ ڪري چيم جو بيوقوفن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته ڪنهن جي خدمتن کي قلمبند ڪرڻ، ڪنهن جي سوانح کي لکڻ به علمي خدمت ئي آهي. اسان مسلمانن هڪ علم جو وجود رکيو. انهيءَ علم کي اسماءُ الرجال سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ علم ذريعي هزارين اهل علم ماڻهن جون خدمتون ، سوانحون، پيدائش ۽ وفات جون تاريخون، انهن جي باري ۾ ثقه يا غير ثقه هجڻ (جرح وتعديل)، سندن علمي اسفار، سندن اساتذه ڪرام، سندس تلامذه ۽ انهن اهل علم ماڻهن جي ديانت جي باري ۾ علم حديث جي ماهرن جا فيصلا معلوم ڪري سگهجن ٿا. مسلمانن جي انهيءَ اسماءُ الرجال جي علم جي باري ۾ غير مسلم ماڻهن جي زبانن منجهان به آفرين صد آفرين ۽ واه واه جا الفاظ بي ساخته نڪري آيا. اهل علم، اديبن، دانشورن، قومن جي محسنن، قومن جي رهنمائن، فلاحي خدمتون سر ڏيڻ وارن ۽ قومن جي تقدير بدلائڻ وارن

جي خدمتن ۽ سوانحن کي قلمبند ڪرڻ خود علم جي خدمت ۽ ايندڙ نسل لاءِ مثالي زندگين جا نمونا پيش ڪرڻ آهي ته جيئن نئون نسل پنهنجي ماضي، پنهنجي وڏڙن جي حالات کي ياد ڪري پنهنجي لاءِ مشعل راه بڻائي. اگر ايئن نه ٿئي ته هوند اسان پنهنجن انمول هيرن جي نالن کان به اڻ واقف رهجي وينداسين. حالانڪ ٻين علائقن جيان منهنجي سنڌ ڌرتي به پنهنجي وقت جا جوڌا جوان پيدا ڪرڻ، ناياب انسان اپائڻ ۾ به آسودي رهي آهي . اهڙن محسنن جي احسانن کي ياد ڪرڻ ۾ قلم جي پنهنجي مسلم اهميت آهي. ايئن هرگز ناهي ته اسان پنهنجي ماضيءَ کي وساري پنهنجي محسنن جا احسان فراموش هجڻ جو داغ کڻون. زنده دل قومون پنهنجي محسنن کي تاريخ جي ورقن ۾ قلمبند ڪري پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ مثالي ڪردار پيش ڪرڻ جو فرض پورو ڪنديون آهن. ڪم همت انهي ڪري چيم جو اسان جي سنڌي ٻولي جي هڪ چوڻي " اٿي پاڻ نه سگهي لڪ لعنت گوڏن تي" يا "گدڙ ڌاک نه پڄي آکي ٿو کٽا " جي مصداق پاڻ کان ته ڪو علمي ڪم يا ڪا علمي خدمت نه ٿي پڄين باقي وات سان تنقيد ايئن ڪندا جڻ ته ڪتابن جا انبار لکي ڇپرائي چڪا هجن. اگر پاڻ به همت ڪري جنهن جي به خدمتن کي واقعي خدمتون سمجهن ٿا انهن جي خدمتن ۽ حيات بابت لکن. اهو ته ڪتاب لکي ڇپرائڻ وارو خوب چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو ته ڪتاب جو مواد ڪَٺي ڪرڻ يا لکڻ، انهيءَ کي ڪمپوز ڪرائڻ ۽ وري پوءِ ان کي ڇپرائڻ لاءِ به مضبوط دل ۽ دل جو لڳاءُ کپندو آهي.

هڪ ڪتاب جڏهن ڇپجي ماڻهن جي هٿن تائين پهچي ٿو تہ انهيءَ جو اندازو صاحبِ ڪتاب ئي لڳائي سگهي ٿو تہ اهو ڪيترين قربانين جو نتيجو آهي. پئسو خرچ ڪرڻ ڪو آسان ڪونهي پر شوق اهو سڀ ڪجهہ ڪرائي ٿو. ميهڙ جي مَهان سگهڙ شاعر محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر انهيءَ ڳالهہ کي پنهنجي شاعري ۾ هيئن پيش ڪيو آهي تہ:

بڌي پٽر پيٽ کي تاڻيان ٿو
تڏهن تہ ڪتاب آڻيان ٿو

سنڌ جي مشهور و معروف علمي شخصيت روهڙي جي اهل علم بزرگ حضرت مفتي عبدالوهاب چاچڙ صاحب ماهوار رسالي ”شريعت“ جي سوانح نمبر لاءِ پاڻ لکيو آهي تہ ڪيس اهو سوانح نمبر ڇپرائڻ لاءِ آبائي زمين وڪڻڻي پئي. سلام آهي مفتي صاحب جي شوق کي. تنقيد وارو پاڻ تہ اها همت ڪري پوءِ بيشڪ ٻئي مٿان تنقيد ڪري. باقي منهنجي پنهنجي نظرئي مطابق مون کي جيڪو تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪرڻ جي لائق نظر اچي ٿو ان کي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندس. ايئن بہ تہ هرگز ناهي جو مون کي انهن کان علاوه ٻيا تاريخ ۾ محفوظ ڪرڻ جي لائق نظر ناهن آيا. ٻيا بہ اهڙا ڪوڙ سارا محسن موجود آهن انهن مٿان بہ آهستي آهستي قلم کڻڻ جي ڪوشش ڪبي. مون ميهڙ جي مهان شخصيتن مٿان قلم کنيو. پنهنجي ڪتاب جي پهرين ڀاڱي ۾ (110) هڪ سؤ ڏهہ شخصيتن جي سوانح

ڪي محفوظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري ورتم. ارادو آهي ته ٻيا به جيترا ممڪن ٿي سگهن پاڳا آڏي ٻين محسنن ڪي به قلمبند ڪري تاريخ ۾ محفوظ ڪري ونجي. بيشڪ منهنجي مذڪوره مڪتوب شخصيتن جون خدمتون انهيءَ اعليٰ ترين درجي جون حامل نه به هجن پر انهن شخصيتن جي قد ڪاٺ ۽ وت وس آهر اسان جي سماج جي اعتبار سان آهي خدمتون به ڪافي آهن. اهو ضرور آهي ته هو پنهنجي معاشري ۾ ٻين جي مقابلي ۾ ڪجهه سرس خدمتون ڪرڻ جا حامل رهيا آهن. مون کي سندن انهيءَ طعني جو ڪو به افسوس ناهي ۽ نه ئي وري ڪو آءٌ سندس سوچ مطابق پنهنجي انهيءَ ننڍڙي خدمت کان به دستبردار ٿيو آهيان. جيسيتائين صحت ۽ ڪيسي اجازت ڏني پنهنجي بيشڪ ٻين ڪم علمن جي نظر ۾ ناڪام سهي پر پنهنجي ڪاوش جاري رکندس. مون هيءَ تمهيد انهيءَ لاءِ ٻڌي جو مون کي معلوم آهي ته منهنجي هن خدمت مٿان به تنقيد جا تير ضرور وسندا. پر مون اهو ئي سوچيو ته ڪنهن محسن جي شوق کي بيشڪ اهو ڪهڙي به درجي جو هجي پر ناجائز يا حرام نه هجي کي سهيڙي ڪيس ۽ سندس اولاد لاءِ تحفي طور پيش ڪجي. انهيءَ سلسلي ۾ هي ڪتاب (ڪلامِ خليفه) ترتيب ڏنو آهي. جنهن کي پڙهڻ لاءِ دل چاهي اهو پڙهي ۽ جنهن جي دل نه چاهي بيشڪ اهو پلي ڪتاب نه پڙهي. پر خدارا ڪنهن جي دل مجروح ڪرڻ کان پهريان هڪ دفعو اهو ضرور سوچجو ته هر ڪو پنهنجي حساب سان پاڻ کي صحيح سمجهندو آهي تڏهن ته پنهنجي دفاع ۾ دليلن جا انبار لڳائي

پنهنجي صداقت کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سائين شفيق احمد پنهنجي شاعري ۾ ”پپو، شفيق، چنا ۽ خليفي“ جا تخلص استعمال ڪندو آهي. سائين شفيق احمد جي شاعري پڙهڻ کان پهريان آئون استاد بخاري جون هي سٽون پيش ڪريان ٿو.

جئين زندگي تيز تڪڙي ٿي گذري،
ائين تون به تڪڙو لکي وٺ ، لکي وٺ!
پنيان پاڙهي نقاد فيئر ڪندا پيا.
تون رف جهڙو تهڙو لکي وٺ ،لکي وٺ!

العاقل تڪفيه الاشاره

اعجاز علي سوڍر

پي ايچ ڊي اسڪالر ميهڙ

پهرين سيپٽمبر 2023ع
03013349366
aijazalisodhar58@gmail.com

میری آرزو میری دشمن ٹھہری
دل کر جو بیٹھا ہائے تمنا تیری
تجھ کو پانا بس میں کب تھا میرے
یہ ہی تو پاگل پنتی تھی میری

مهاڳ

شفيق شفقت ڀريو انسان

علم ۽ ادب قومن جي سڃاڻپ ۽ اثاثو ٿين ٿا. هر ماڻهو پنهنجي زندگي ڪنهن نہ ڪنهن جستجو ۾ صرف ڪن ٿا. هر ڪنهن جو ذوق ۽ شوق بہ مختلف هجي ٿو. ڪين مليل صلاحيتون بہ مختلف هجن ٿيون. اهل علم ماڻهن منجهان ڪنهن ڪي قلم جي ڏات نصيب ٿئي ٿي تہ وري ڪنهن کي بيان بازي ۾ مهارت ملي ٿي. جنهن ماڻهوءَ کي قلم جي زبان سمجهڻ ۽ سمجهائڻ نصيب ٿيندي آهي تہ آهي پنهنجي قلم کنهن نہ ڪنهن صنف تي ڪڏهن نہ ڪڏهن جنبش ۾ ضرور آڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. منهنجو برادر محترم سائين شفيق احمد ”شفيق“ چنا کي الله سائين علم جي دولت سان نوازيو تہ وري منجهس اسان جي اباڻي سهڪار واري صفت بہ موجود آهي. پاڻ پنهنجي حيثيت آهر مسڪين ماڻهن جي مدد ڪرڻ جي خدمت سالن کان وٺي سرانجام ڏيندو اچي ٿو. پاڻ نهايت ئي سادو ماڻهو آهي. ويهين گريڊ ۾ استاد هجڻ جي باوجود منجهس نياز، نوڙت ۽ سادگي ايتري تہ ڀريل آهي جو اسان کي پاڻ حيرت لڳندي آهي پر سندس ٻچپن کان وٺي سندس طبيعت کان چڱي ريت واقف آهيون. ادا سائين شفيق احمد کي الله سائين علم جي نعمت عطا ڪئي تہ پاڻ قلم سان بہ ناتو جوڙي رکيائين. فلاحي خدمت ڪرڻ سان گڏ ادبي خدمتون بہ ڪندو رهي ٿو. مختلف وقتن تي ادبي رهاڻيون، ڪتابن جا مهورتي پروگرام، مختلف اديبن سان شامون

ملهائي انهن کي ميجتا ڏيڻ، مشاعرا ڪرائڻ ۽ ادبي ڪچهريون ڪندو رهندو آهي تہ ڪڏهن وري ڪنهن ادبي پروگرام جو اسپانسر بڻجي خرچ جي مد ۾ مدد ڪندو آهي تہ ڪڏهن وري ڪتاب ڇپرائڻ ۾ ڪجھ مالي سهائتا پڻ ڪندو رهي ٿو.

شروعاتي دور ۾ پاڻ ڪجھ گيت، غزل ۽ ڪافيون لکيائين. انهن جي اصلاح لاءِ پنهنجي استاد ميهڙ جي مانائتي شاعر مرحوم اسحاق ”راهي“ صاحب وٽ حاضر ٿيندو هو. راهي صاحب جي وصال کان بعد لکڻ جڻ ڇڏي چڪو هو. پوءِ ڪجهه وقت گذرڻ کان بعد وري چوسٽا لکي پنهنجي شوق کي جاري رکندو آيو. هاڻي بہ فيس بوڪ ۽ واٽس ايپ تي پنهنجا چوسٽا لکي رکندو آهي. شاعري سندس شوق آهي. پنهنجي انهيءَ شوق ۾ ملامت ۽ تنقيد جي پرواھ ڪرڻ بنا بس پنهنجي مستيءَ ۾ مگن رهي ٿو. سندس شاعري ڪهڙي درجي ۾ اچي ٿي اهو فيصلو پڙهڻ وارا ڪندا. تازو ادا سائين شفيق احمد جي شاعر کي سهيڙي ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ جي همت اسان جي ميهڙ جي نوجوان اسڪالر پي ايچ ڊي جي شاگرد سائين محترم مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب ساري آهي. هي ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي اهو انهيءَ نوجوان اسڪالر جي ذاتي ذوق جو ئي نتيجو آهي. محترم سوڍر صاحب هن ڪتاب آڻڻ جي پنهنجي مقصد کي استاد بخاري جي شاعري ۾ واضع ڪئي آهي تہ جهڙو تهڙو رف لکندو رھ پاڻهي نقاد پيا فيئر ڪندا. سو ادا سائين شفيق احمد جي جهڙي تهڙي شاعري کي گڏ ڪري ڪتابي شڪل ڏئي هن

نوجوان اسڪالر اسان تي علمي احسان پڻ ڪيو آهي. سياڻن جو چوڻ آهي تہ اڄ جي لکيل ڳالهہ سياڻي جي تاريخ بڻبي آهي. نئون نسل پنهنجي سابق نسل جي لکت ۽ تاريخ جو متلاشي رهيو آهي. انهيءَ ڪري اڄ جو هي ڪتاب سياڻي جي تاريخ هوندو.ادا سائين شفيق احمد پنهنجي غم، خوشي، ڪاوڙ ۽ رضا کي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪيس مليل ڏک جي باري ۾ چوي ٿو:

ڳلن تان وهن تا ڳوڙها لارون لارون
منهنجي دل تي وئي صفا ڦارون ڦارون
رنل تو کي جڏهين ڏٺو هو "شفيق"
سُڪو ساهہ دل تي پئي ڏارون ڏارون

آڌي رات جو ٺانا گولين جو پيو مينهن وَسي
لاش تي ويني روئي امڙي خالي ڏسي جَهولي

دانهن ڏيون تہ پلا ڏيون ڪنهن کي ليڊر سڀ ڦورو
ڪونهي ڪو انصاف ڪنهن ۾ نڳن جي آ ٽولي

وري مليل خوشيءَ جي باري ۾ هيئن اظهار ڪري ٿو:

پيار جا موتي ميڙيون وينا
سهڻي سڪ سَهيڙيون وينا
واڌايون هڪ ٻئي کي ڏيئي
هر جاءِ پريت پکيڙيون وينا

نصيحت ڪندي چوي ٿو:

دنيا جي دستور کي سمجھڻ ڏکيو آ
حق تي هلندڙ سورن ۾، ظالم تہ سکيو آ
سڀ ڪجھ حلال ۾ ملندو، حرام ۾ رکيو ڇاهي؟
موت کان اڳ مرندو جنهن اهو زهر چکيو آ

ڪنهن کي بہ خبر ڪونهي تہ ڇا ٿي رهيو آ
ڪو ڪنهن جو تہ ڪو ڪنهن جو رَتُ پي رهيو آ
ڪو ڪنهن جي لاءِ دنيا ۾ جي رهيو آهي
اسين بي شڪر آهيون پر رزق اڻ ميو آ

جهيڙي ۾ ڇا رکيو آ سڀ ڪجھ آ پيار
گھڻو حرص ڪري غريبن جو تون حق نہ مار
هي بہ مون وٽ هو به مون وٽ هجي "شفيق" يار
آخرت جو فڪر ڪر جتي توري ونندي تار

وري پاڻ سماج جي عڪاسي ڪندي چوي ٿو:

غربت جي ملامت جا هي ماريل ماڻهو
ڪنهن قهري عدالت جا هي ڏڪايل ماڻهو
مانيءَ ڳيپي لاءِ محتاج هي لڪين لاوارث
ڏاڙي دهشتگردي جا هي ساڙيل ماڻهو

پنهنجي وطن سان محبت کي پنهنجو ايمان سمجهي هيئن بيان ڪري ٿو:

سنڌ جي آزادي هوندي هو ڪو نہ هوندو
هٿ ۾ هٿيار هوندا ڪوڪو نہ هوندو
ميدان جنگ ۾ جيڪو وڙهندو يارو
مرد مجاهد هوندو ٺوڪو نہ هوندو

مان سچ چوان ٿو ازلئون ها هن سنڌ ڌرتي جو پوڄاري
هن ديس جا دوڏا جوڌا سڀ گڏ پاڻ ڪنداسون هر ساٿي
هن سنڌڙيءَ ۾ سنڌو جا سڀ دشمن ماري ڍير ڪبا
غيرن جا ڪنداسون لاش ختم جيئن گاهہ لتاڙي ڪو هاٿي

ظالم ٿو مظلومن جا ڪيئن ڪپين ڪنڌ
جبر اڳيان نہ جهڪندا سنڌي غيرتمند
ارغون ۽ ترخان پِي هاري ويا هن هنڌ
ڪٿي سگهيا نہ سنڌ هارائي ويا حاج ۾

عالمن سڳورن سان پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

ناهي ضرورت رشوت خورن جي
هيءَ سنڌ آ محنت ڪش مزدورن جي
جو علم پرائي عزت وڌائي ٿو "شفيق"
آهي اهڙن درويشن عالم سڳورن جي

ادا سائين پنهنجي نالي جيان شفيق طبيعت جو سهڪاري ۽ ٻين جي مدد ۾ پنهنجي دلي خوشي ڳولهڻ وارو، ٻين جي غم کي پنهنجو غم سمجهڻ وارو، دل ۽ نيت جو صاف، خالص انسانيت لاءِ پنهنجون جاني و مالي سهائتا ڪرڻ وارو ۽ علمي انسان آهي. ادا سائين جي لاءِ ڏاڍي در دعا آهي ته الله سائين کيس ڊگهي صحتمند زندگي نصيب ڪري ۽ سندس دنيا ۽ آخرت خوشين سان ڀرپور ڪري آمين.

منيرالحق چنا

مينيجر زرعي بينڪ (رٽايرڊ)

2 سيپٽمبر 2023ع

نعت

مديني جا مرسل وِساري نہ ڇڏجان
توکي ساهہ ساري ٿو وِساري نہ ڇڏجان

مان ڪوجهو ڪمينو هان تہ پڻ آهيان تنهنجو
گهرايو مديني سڏي هي عرض منهنجو
ٻڏي منٿ آزي ڏِڪاري نہ ڇڏجان

ڪري دانهون دلڙي ٿِئي ديدار تنهنجو
چمان تنهنجي چانئٺ پَسان پار تنهنجو
ڪنڌي لاءِ ٻئي جي سهاري نہ ڇڏجان

نہ ڪو حال پائي نہ ڪو آ رفيق
توهان ڪان سواءِ ڪير ٿيندو "شفيق"
مون کي آسرن منجهہ ماري نہ ڇڏجان

پلو ديس محبوب جو آ مِٺو

پلو ديس محبوب جو آ مِٺو
انهن ڪان پڇو جن اکين سان ڏِٺو

ڪيان چا مديني جي تعريف يارو
لکان چاهتن جو شانُ ڪهڙو سُٺو

نہ ٿو نور کي نور سمجهين اجان
تہ پو حشر تنهنجو نہ ٿيندو سُٺو

مليو سائين کي سوکڙي طور اجرڪ
ٿي حيران ويا جن پيي هي تحفو ڏِٺو

دعا سنڌ کي جيئن ڪيائين "شفيق"
تہ پو مينهن رحمت جو هِتڙي اُٺو

نصيحت

الله اڪبر ياد ڪر سِرُ سائين تان قربان ڪر
فرقن منجهايا مسلمان تون سياڻو ٿيءُ ڪجھ ڌيان ڪر

ڪجھ الف ڪي تون سڃاڻ اڻ ڄاڻ ٿي پنهنجو نہ پاڻ
ميم سان محبت رکي ڪر پيروي تون سوچ ساڻ
دل نہ تون پنهنجي ڏکاءِ ڪو پاڻ تي احسان ڪر

غير ڪڍ دل مان سڄڻ اٿ تون اندر پنهنجو اُجار
نفس جي خواهش نہ پوري ڪر اٿي قِسمت سَنوار
وقت ڪي واپس وَارِ ۽ ان جو ڪو اَرمان ڪر

ڇو وڃين ٿو در ٻين جي ڪنهن جو ٻيو سجدو نہ ڪر
وچ ڪسي پنجتن جي در تي ٻئي طرف پيرو نہ ڪر
پنهنجي مذهب جو ”شفيق“ مانُ ڪر ۽ شانُ ڪر

دانهون ڪيون چونه هونديون

مون تو لاءِ دانهون ڪيُون چونہ هونديون
ٻُڌيون لوڪ ساري ٻُڌيون تونہ هونديون؟

لچان پيو ٽپان پيو ۽ ڦٿڪان پيو تو لئي
منهنجون يار يادون توکي ڪيئن ڪونہ هونديون؟

ڏٺم رات اڄ خواب ۾ يار تو کي
اکيرون مونکي تنهنجون يرچونہ هونديون؟

لکيم خون سان خط سوين يار توڏي
”پپو“ روئي پچنديون راتيون وري چونہ هونديون؟

ڪو ڪنهن سان ڳڙ

ڪو ڪنهن سان ڳڙ ڪو ڪنهن سان ڳڙ
دلبر مان آهيان پرين پيارا توسان ڳڙ

هزارين سُور تو ڇڏيا بَڇي مونکي برھ وانگر
نہ آئين تون پُڇڻ توڙي ڪيا مون توکي سهٽا سڏ

ڪيو تنهنجي نگاهن آ شڪار مونکي خدا ڄاڻي
ائين پيو ڪپين مونکي جيئن ڪَپي ڪاسائي هڏ

مون پنهنجي خيالن ۾ جوڙيو تنهنجو گهر
هلي اچ جو مَن مان ناهي ڇڏيو مڏ

آهيان تنهنجي انتظارن ۾ مان وينو اڪيلو
پرينءَ جي تون او "شفيق" پيو پيار تي پڏ

جيتر جاني جيئندس پيو

جيتر جاني جيئندس پيو
تنهنجا سُور ئي سَهندس پيو

تون جي واٽ وٺيون ويندين
توڏي دلبر مان ڏسندس پيو

لڳي ويئي دل آ دلبر توسان
اوسئيڙي ۾ ان جي ويندس پيو

جيئري جدائي نہ ڪر جاني
ائين تہ پو مان ڪُسندس پيو

اڄ تون هڪ پيرو اي سهڻا
تنهنجا گيت هرهر ڳائيندس پيو

چوريندين جي چپ تون“سائين“ سان
صدقو صدقو تو تان ٿيندس پيو

وساريو ڪٿي آ

اسان تو کي دلبر وِساريو ڪِٿي آ
توکان سوا سُکن ۾ گذاريو ڪِٿي آ

جدائي تنهنجي ۾ اندر پئي پِيڙهيو
ناهي پاڻ کي مون سينگاريو ڪِٿي آ

توسان ڪئي محبت اٿم ڳالھ ٿي ويئي
ڪٿي اَڪِ ڦيري ٻئي ڏي نهاريو ڪِٿي آ

”چنو“ هي ”شفيق“ تو لاءِ پيو سِڪي ٿو
هلي اچ چئي، تو پڪاريو ڪِٿي آ

يار جي پيٽ ۾ ڪين ٿي سگهندين

چنڊ سينگار تون ڪيترا پيو ڪندين
يار جي پيٽ ۾ ڪِين تي سگهندين

چنڊ چوڏهينءَ جا ڳَر سينگار سوين
تون چمڪ ڪر چوڏار پيٽ نہ بيهي سگهندين

تو تہ هن جي حُسن جو جلوو پَسيو ناهي
نہ سَهڻ جو اتئي نہ سهي پو سگهندين

تنهنجي روشني اچي ٿي مُند تي ڦري
يار جي مُند جي سَٽ سَهي نہ سگهندين

پيٽ ٿو ڪرين "شفيق" چنڊ ستارن سان
شعر تون سندس شان ۾ لکي نہ سگهندين

تون نه آئين مٺا

رات گذري وئي پر تون نہ آئين مِٺا
ڳالهہ ڪهڙي ڪان ٿو تون ٽٽائين مِٺا

ننڊ ويئي ڦٽي بس ستارا ڳڻي
نيڻ روئي ڏنم ٿو ستائين مِٺا

ڪَٺي درد تنهنجا ٿياھِن دل اندر
اجان ڏينهن پيو پيو لڳائين مِٺا

سوا تنهنجي ويران جڳ پيو لڳان
چريو ٿو اجان پيو بڻائين مِٺا

غمِ بحر ۾ ٿو ٻُڏان ۽ ٽَران
نہ ڪنهن پيو ڪنڌيءَ لڳائين مِٺا

الائي تون ڪهڙن ڪَمن ساڻ آن
ڪڏهن اچ تہ ”شفيق“ تائين مِٺا

رات وئي گذري

لڪندي لڪندي بات وئي گذري
روئندي روئندي رات وئي گذري

ڳوڙها ڳڙيا ڳاڙهي رت جيان
نيڻن جي برسات وئي گذري

باهہ برهہ جي اهڙو وڪوڙيو
ڦٿڪڻ ۾ فڪرات وئي گذري

تنهنجي ياد ۾ تنهائي جا تحفا
وصل جو سوچي تات وئي گذري

سُورن سِينو ڳاري وِڌو
هجر ۾ هيءَ حالات وئي گذري

تو تي شعر لکي ٿيس شاعر
تو تي“شفيق“جي ڏات وئي گذري

□ڪڻ جي ڪئي آهي

گذري وئي رات سڄي چنڊ لِڪڻ جي ڪئي آهي
ڪانگن آڪيري مان يار اُڏرڻ جي ڪئي آهي

تي دل ۾ اونده ويئي مَن ۾ تنهنجي تات هئي
بند دروازي دل جي يار کلڻ جي ڪئي آهي

ننڊ ڦٽي ويئي منهنجي، چنڊ تارا مون تي کليا
روئي ڏنم ماڻهن پيي مون تي کِلڻ جي ڪئي آهي

چنڊ جي روشني مدهم ٿي پوءِ بہ نہ موٽئين منا
پکين ڪئي چُون چُون آ تو نہ موٽِڻ جي ڪئي آهي

تارن مون کان مُنهن موڙي الھ واهي ڪئي آهي
ڳوڙهن منهنجي ڳل تان يار ڳڙڻ جي ڪئي آهي

بيهي بيهي باک ڦٽي ڪونہ مليا محب مون کي
هاڻي ”چنا“ واپس تو ”شفيق“ ورڻ جي ڪئي آهي

پيار ڪاٿي آ

ڏٺي سين ياري يارن جي سچو اڄ يار ڪاٿي آ
گهلن ٿا واءَ نفرت جا رهيو اڄ پيار ڪاٿي آ

دنيا هن دو رنگي اندر سڏائي يار ٿو سيڪو
هٽي اڄ نينهن جو نعرو ڪو اچي نروار ڪاٿي آ

چيو سچ سياڻن آ مهر ديدار سان هيءَ ليڪن
ڪري گهر جا وجي دل ۾ اها گفتار ڪاٿي آ

گهٽا ماڻهو ”شفيق“ هتڙي پيا ڪن پيار جي دعوىٰ
گهوري سِرُ پيار تي ”چنا“ جيڪو سو دعويدار ڪاٿي آ

سنڌ اسان جي

مُرڪي ٻڌندا مَوڙ سنڌ اسان جي
ڳَنِي ٽيندا ڪروڙ سنڌ اسان جي

سچل سامي شاهه عنايت لعل قلندر گهوٽ پٺائي
ٻيا پِي سنڌ ۾ سنڌ اسان جي

ڪراچي ڪشمور ڪينجهر ڪارونجهر تائين
هلي ڏس تون ٻانڌي چوڙ سنڌ اسان جي

گئس پيٽرول جي ڪمي ناهي ڪائي
ڏس ڪوئلو ٿر ۾ ڪوڙ سنڌ اسان جي

اُچاءِ نہ ديس ڏٺين سان ڪانئر
هٽندئي ننڊيا وڏا ڦوڙ سنڌ اسان جي

اجرڪ ٽوپي آ پَٽڪو سنڌ جو
ڪائيندي "شفيق" هٿان توڙ سنڌ اسان جي

سانڍي رکيا

تو جيڪي ٻه درد ڏنا
مون سيئي سانديي رکيا

تو جيڪي واعدا ڏنا
سي سيئي وِساري ڇڏيا

ياد تنهنجيءَ ۾ مون تي مِٺا
سخت سُورن جا حملا ٿيا

منهنجي تو ساڻ محبت آ
تو ناتا سڀ ٽوڙي ڇڏيا

مون جيڪي شعر لکيا
سڀ راز ۾ رهجي ويا

ننڊ وئي آ ڦٽي اي ”شفيق“
سڀ ماڻهو مون تي کليا

سَهارو ڪو گهرجي

وِيران دل کي سَهارو ڪو گهرجي
برباد گلشن کي نظارو ڪو گهرجي

اُجڙيل دل تي پيي ڏنپ ڏيندا اچو
زخمن تي مَرهم رکڻ وارو گهرجي

ڳلن تان ٽيو ڳوڙهن جو وسڪارو
لڙڪن جي لارن اگهڻ وارو گهرجي

هجي جو اسان تي سدائين "شفيق"
اهڙو دل اسان جي کي پيارو گهرجي

منهنجا مِٺا

ويران دل آهي تو سِوا منهنجا مِٺا
ڇو ٿيو آهين تون خفا منهنجا مِٺا

دل جي ڪوئل اڄ ٻول ٻوليو
موهي وڌو ان جي صدا منهنجامِٺا

تون ڇو ٿيو آهين مون ڪان جدا
مون تہ ڪئي توسان وفا منهنجا مِٺا

روز وينو نهاريان تنهنجون واٽون
ڇو نہ آئين تون ڀلا منهنجا مِٺا

تو ڇپ چوري وڌو ڪوري منهن موڙي
جيءُ ڇڏيئي جهوري صفا منهنجا مِٺا

مَن ۾ تنهنجي تات وائي ناهي ٻي ڪا وات
بخش"شفيق" جيڪا ڪئي خطا منهنجا مِٺا

وَارَ پيا ٿي

اڪثرين جا جڏ وَارَ پيا ٿي
ڏاڍا دل تي بار پيا ٿي

جڏهن اُلارين مون تي ابرو
جگر جيئرن تي ڳار پيا ٿي

ڪڪر وانگر وار وکيري
منهنجي مَن تي چار پيا ٿي

گل گلابن جهڙو چهرو
برٿ وانگر هار پيا ٿي

موهي وڌو آ ”شفيق“ کي تو
تنهنجا مارينڊڙ سينگار پيا ٿي

ا￼فت ۾ اگر زخم

الفت ۾ اگر زخم ڳُجها تين ته پيا تين
ووڙيندي پرين پَير ڳيا تين ته پيا تين

ڪنهن چريو چيو آ ته ڪنهن ڪوٺيو ديوانو
چاهت ۾ جي مون پارا چريا تين ته پيا تين

پرپور خدائي ۾ اڪيلو پيو ڦران مان
جي حوصلا الفت ۾ خطا تين ته پيا تين

دل تي ٿي ويو خوب اثر ڪنهنجي نظر جو
مجروح گهڻا اهل وفا تين ته پيا تين

الفت ۾ پوَنِ صدما ٿا سهڻا ئي جگر ڪي
”شفيق“ سان پل سُور ڪَنا تين ته پيا تين

ڪنهن ڪَوٺيو ديوانو

چريو ڪنهن چيو ڪنهن ڳَوٺيو ديوانو
ڏسي پيار تو سان ٿيو وَيرِي زمانو

حقيقت ٿو ڪريان تہ سمجھو ٿا اٽڪل
مِلن سُور مون ڪي اوهان لئہ فسانو

ٿيا سُونهن تنهنجي تي مَدهوش ڪيئي
ڪيو بِرهہ تنهنجي گهٽن ڪي بيگانو

اول قرب ڏيئي بڻايو تو قيدي
هينئر چو بڻايئي نظر جو نشانو

نہ تو ريءَ اچي روح ڪي ٿي ڪا راحت
ڪري سُور ويا دل مٿان آستانو

هلي آ تون هيڏي ٿو ساري "شفيق"
جو تو تي لکي پيو سدائين ترانو

توکان سواءِ

توڪان سواءِ وائڙا لڳا پيا هون
اڪيلا اڪيلا موڳا لڳا پيا هون

هاڻي هوش نہ رهيو آهي پنهنجو
ڪمري ۾ تصوير وانگر ٽنگيا پيا هون

قرب تو اهڙو ڏنو هو دلبر جاني
حڪم ڪر اسين ماريا پيا هون

ديدار ئي آهي دردن جي دوا
تنهنجي جدائي تي ڦٿيا پيا هون

چاهت جا چار ڏينهن گذارياسين
مَس تہ وري وڇڙيا پيا هون

هاڻي انتظار گهڻو ٿي ويو آهي
ملڻ جي ڪر صفا هاريا پيا هون

دل جون اميدون پوريون ٿيندو
”شفيق“ سان ملڻ لئي آيا پيا هون

تنهنجي سُونهن

تنهنجي سُونهن تہ حجابن ۾ آهي
آ ظاهر ٽيندي جڏ نظارن ۾ آهي

حياتي جا ڏينهڙا گڏ گذارياسين باقي
توکان سواءِ زندگي مايوسين ۾ آهي

اندازو نہ هو جلد وڇڙي ويندي تون
هاڻي توکان سوا زندگي عذابن ۾ آهي

پنهنجي وجود ۾ محسوس ڪريان ٿو
جئين خوشبو هوندي گلابن ۾ آهي

انتظار جو سفر ڏکھو ٿيندو پيو وڃي
رهيل سفر اسان جو انتظارن ۾ آهي

”شفيق“ ڪاوڙجي ڇڏي ڏيڻ مناسب ناهي
محبت سان رهو اهو لکيل ڪتابن ۾ آهي

توکي اڄ وري ياد ڪيم

توکي اڄ وري ياد ڪيم
سڏڪا پري پوءِ روئي ڏنم

تون تہ ڇني بس يار هليو وئين
ساهہ ۾ توکي ويڙهي سڏيم

تون تہ وئين ٿي سنگدل سهڻا
پو تہ تنهنجا ڳڻ پئي ڳايم

دل ۾ تہ توکي جاءِ ڏني مون
تنهنجو زبان تي نانءُ ئي رهيم

پيار ۾ ”پپو“ ڳاري ڇڏيئي
دل ۾ سُور سمائي ڇڏيم

اڙي تون به عاشق

يار دوست کِلڻ لڳا اڙي تون بہ عاشق
تعنا مَهٽا مِلڻ لڳا اڙي تون بہ عاشق

ڪنهنجي محبت دل ۾ رکڻ گناھ تہ ناهي
ماڻهن جا چپ چرڻ لڳا اڙي تون بہ عاشق

وجي مذاق اُڏائي تي دل وارن جي
پُور هزارين پَوڻ لڳا اڙي تون بہ عاشق

مري مفت محبت ۾ ويندين ڪنهن چيو ايئن
نوان پيغام ڏيڻ لڳا اڙي تون بہ عاشق

لِکي چا لِکان ”پپو“ پيار وارن تي
اندر جا سُور سَلڻ لڳا اڙي تون بہ عاشق

ڏِڪاري نه ڇڏجان

مون کي در پنهنجي تان ڌِڪاري نہ ڇڏجان
قبوليم غلامي وساري نہ ڇڏجان

وسارين يا سارين آهي پيار تو سان
اچان ياد توکي تہ واري نہ ڇڏجان

خيالن ۾ ٻيي تون خوابن ۾ ٻيي تون
منهنجي پِريت مَن مان ٻُهاري نہ ڇڏجان

پَري پَير قرب جا اچ تون اڱڻ تي
منهنجي تات کي مات ڏياري نہ ڇڏجان

رهي دوستيءَ ۾ وفائي بہ ڪانهي
مگر تون ٻين وانگي ٿاري نہ ڇڏجان

توکي پَسڻ لئہ پاتم فقيري
”شفيق“ کي ٻئي جي سَهاري نہ ڇڏجان

تنهنجي پيار سان

هر گيت مان لِکان ٿو تنهنجي پيار سان
پنهنجو بہ ڪجھ ڪرم ڪر هن بيقرار سان

خطڙو ڏئي ڪبوتر کي هيئن پيو چوان
چئجانس هاڻي ملي وڃ مون حالِ زار سان

هڪڙو پيرو حياتيءَ ۾ من ڏسي وڃ
ڇو جو عمر ٿي گذري پئي انتظار سان

نروار اچ تہ دنيا جا وِسوِسا وڃن
گهاري سگهان حياتي باقي قرار سان

زر جي دنيا جي مونکي هرگز نہ آ طلب
ديدار ٿو کپي پيو مُرڪي ڏي پيار سان

سکندي ٿي سال ويا تہ بہ ڪو نہ آئين "شفيق"
هڪ رات هاڻي گهار مون غمگسار سان

مرض کي ويو آ شوڪارو سجاڻي

مرض کي ويو آ شوڪارو سجاڻي
ڏکاري کي ڪوڪو ڏکارو سجاڻي

ويا ديدار لئہ چؤ طرف بيهي ماڻهو
مونکي شل جيءَ جيارو سجاڻي

بينا منتظر هوندا سهڻو ٿو گذري
مگر ان کي ڪو درد وارو سجاڻي

سُونهن چنڊ تارا ٿا چمڪن اُپ ۾ مگر
ڪو اهل نظر سو ستارو سجاڻي

آ دنيا ۾ سيڪو سياڻو ”شفيق“
هجي ڪو سياڻو اشارو سجاڻي

چنڊ جي روشني

چنڊ جي روشني ڪيتري آهي ڪم
تون مٿي چنڊ ڪان آهين منهنجا صنم

چنڊ ٿو حسن تنهنجي تي رشڪ ڪري
ٿين ٿو نروار جڏ مون ڪي تنهنجو قسم

ٿُون جڏهن ٿو ڪرين پنهنجو پردو پري
ڪيترن جا ڪرين حوصلا تون ٿو گم

باغ دل جي ۾ تون مان ٻئي جي هجئون
ياڳ پنهنجا پلا پوءِ ڪَيون ڇا جو غم

تنهنجي ڇهري تي ڇا ٻيو ”شفيق“ لکي
تنهنجي ساراه ۾ بيهي ويو آ قلم

پَير پايان اتي پيار آهي جتي

منهنجي جت زندگي مان بہ ويندس اتي
پَير پايان اتي پيار آهي جتي

روز سپنا ڏسان ڪنهن جي دل ۾ وسان
ڪبي چاهت ڪٿي پيار آهي جتي

روز گهٽيون گهمان چاهہ مان پيو چمان
روح منهنجو هتي پيار آهي جتي

ڪيڏا وعدا ڪري تون تہ ٿي وئين پري
تو ڪي ڳولهيان تِتي پيار آهي جتي

دل نہ ٿي چو مڃين ڪجهہ لڙي ٿي وڃين
هل ”شفيق“ اتي پيار آهي جتي

آهي آوازِ آزادي

سدائين سنڌ ڌرتي جو آهي آوازِ آزادي
مقدر پاڻ ئي ڪيڙو آهي آغازِ آزادي

اگهاڙا انگ سُسِيَل پيٽ اڄ آهن پنهوارن جا
ڏسو ڪهڙو نہ آ هن قوم جو اندازِ آزادي

برن توڙي ٿرن ۾ ٿا پيا گونجن گيت ۽ ڪافيون
سمايو تن ۾ موسيقار آ هر سازِ آزادي

جو ٿيندو سنڌ جو دشمن تہ ان جو سر ڪٽيندا سون
اسان جو فرد بڻجي پيو آ هر هڪ بازِ آزادي

اسان جو هوشو هيمو ۽ بلال تي تحيو آهي
اسان تن وانگي مرنداسين ماڻي اعزازِ آزادي

”شفيق“ هن ڏيهہ جو واسي خدا ڄاڻي ڏهيسر آ
نمايان قوم پوري آهي سنڌ جو نازِ آزادي

ڏوه ناهي

ڪنهن جي ياد دل ۾ رکڻ ڏوهه ناهي
محبت جي مچ ۾ پَچڻ ڏوهه ناهي

جي محبوب خاطر پيا پيرن ۾ ڇالا
پنهل ڪاڻ پنڌ پيي هلڻ ڏوهه ناهي

ڪيم ياد دل ۾ تہ دلدار تو کي
عبادت اسان جي ڪرڻ ڏوهه ناهي

اجايل اکين کي ٿو ديدار گهرجي
ڪٺي نيڻ تو ڏي ڏسڻ ڏوهه ناهي

لکيا گيت تو تي ”پپو“ پيار مان
ڇيڙي ساز سُرندا ڇوڻ ڏوهه ناهي

پچان چو ذات پرين

عشق توسان ڪيم پڇان ڇو ذات پرين
ڪير ماڻهن جا ڪري بَند وات پرين

پاڻ مون پنهنجو وڃائي تو ڪي هو پاتو
تات تنهنجي تَن ۾ آ ڏينهن رات پرين

موڪليان قاصد ٿو تو ڏي ڏي خبر دل جي
جيئن ٻُڌن دشمن وڃن ٿي مات او پرين

ڏينهن پيي ڏاڍا ٿيا هن ڪونہ ٿو اچين
هن روش تي آ مونکي هَيهات او پرين

جيڪڏهن تون ٿِي سَچو مون سان رهين ”شفيق“
ڳايان پيو اُن ٿوري جي مان بات او پرين

وقت ٿورو ته ڏي

دل سُڪون ڪيئن ڪري، وقت ٿورو تہ ڏي
رهہ نہ ايڏو پري، وقت ٿورو تہ ڏي

تڙپ سيني تي سورن جا چِٽ تي ڪڍي
بَرت ڄڻ تي پَري، وقت ٽورو تہ ڏي

چو ٽا دل جي زمين رنج سان ريجيو
جيءُ پيو ٽو جهري، وقت ٽورو تہ ڏي

سُور سِيني ۾ هن نہ دوا تي لڳي
دل ۾ ٻارڻ ٻَري، وقت ٽورو تہ ڏي

چور چاهت سان چَپَ روح راحت ڪري
باھ برھ جي نري، وقت ٽورو تہ ڏي

زندگيءَ ۾ ڪڏهن تيءُ ڪٽي تون ”شفيق“
متان عاشق مري، وقت ٽورو تہ ڏي

ا□ز□ئون تو سان آهي دل

منهنجي اڄ ڪلهه ناهي ازلئون تو سان آهي ڏِل
اکڙين جا تون وار ڪري سامهون وينو ڪِل

دنيا خواب ٿو سمجهان ساري سڀ ڪجهه تو ۾ آ
پهر سوا ڪن منهنجا منڙا مون سان خلاصو مِل

سامهون آ سينگار ڪري ديدار ڪيان تنهنجو
تنهنجي درشن سان ٿي ويندي سولي هر مشڪِل

ٿورو وقت ڪڏي او پيارا حال ڏسي وڃ تون
تو کي از خود رحم بہ ايندو ٻُريل ڏسندي ٻَل

پنهنجي ”شفيق“ کي ڪو سهارو ڏي دلڙي ڏڙڪي ٿي
تو کان سوا او مون کي منڙا ملندي نہ منزِل

ٻڌايان ڪنهن کي

مان يار جون ٻوليون ٻڌايان ڪنهن کي
ڳجهه ڳوهه جون ڳالهيون ٻڌايان ڪنهن کي

سگھندس نہ وِساري مان ڪڏھن دلبر ڪي
مان برھ جون باتيون ٻڌايان ڪنھن ڪي

روئن ٿيون اکيون نار اڪيلو آھيان
گذرن نہ ٿيون راتيون ٻڌايان ڪنھن ڪي

ٿوڪي ٿو زمانو ٿيون ستائن يادون
پون ٿيون ڇڄي ڇاتيون ٻڌايان ڪنھن ڪي

جيءُ منھنجو جُھري ٿو پيو جدائي اندر
اکيون بہ اٿم آتيون ٻڌايان ڪنھن ڪي

”شفيق“ ٿو گذري پيو زمانو ڏک ۾
پائي بہ نہ ٿو جھاتيون ٻڌايان ڪنھن ڪي

زندگي منھنجي بَڇي

تنهنجي شل محفل مَچي، زندگي منهنجي بَچي
مِل تہ مَن رنگڙو رَچي، زندگي منهنجي بَچي

سِڄُ سَڄو ويو آ لَهي، ڪونہ آئين تہ بہ ڪَهي
ياڳ تو سان ڳَڏ اچي، زندگي منهنجي بَچي

دور هيئن رهبو نہ آ، ۽ ڇڏي وڃبو نہ آ
سَچ ڪنهن ڇَيَڙو سچي زندگي منهنجي بَچي

تي اُجڙي ويو گلستان پير جيئن پاتو خزان
اڄ تہ ڪو دشمن پچي زندگي منهنجي بَچي

ڪنهن نہ ڪنهن سان رفيق آ اڪيلو آهي“شفيق”
نِينهن شل هِت پِي نچي زندگي منهنجي بَچي

گذريل ڪجھ راتيون

پيار پريون هِن پياريون گذريل ڪجهه راتيون
ياد پون ٿيون تنهنجون پراڻيون پيئي باتيون

درياءَ جي ڪَپ تي ٿو ويهي ٻوليان مان
منيون منيون ڪوئل واريون ڪي لاتيون

دل وارن ڪي ڏار ڪبو ئي ڪونهي ڪو
کُهبو آ پر قرب جون وجهبيون هن ڪاتِيون

دل آ ننڊڙي درد پهاڙن ڪان ٻه وڏا
سُور وجهن ٿا ساڙي چني سَوَ چاتيون

تنهنجا قول ”شفيق“ سان ڪچا نڪري پيا
جيءُ جهري پيو آ تون پائي ڏس جهاتيون

دانهون ڪريان پيو سدائين

مِنا تو لئہ دانهون ڪريان پيو سدائين
ڪري قرب مون تي هلي آءُ سائين

هتي آءٌ لچندو آهيان روز تو لئہ
سڄڻ سُور وارن ڪي چو ٿو ستائين

ڏٺو رات تو ڪي آهي خواب ۾ مون
پائي ياڪر سيني سان پيو لڳائين

تنهنجي چاهہ چريو ڪيو آ ”چني“ کي
اچي جَهلَڪَ پنهنجي تون پيارا پسائين

يادون هيون يار هر هنڌ تي

تنهنجون يادون هيون يار هر هنڌ تي
گهاوَ گهِرا رسيا ساهه جي سَنڌ تي

ناز ڏاڍا ڪيئي حُسن جي زور تي
مون قبوليو ڪُسڻ ڪاتي ڏئي ڪنڌ تي

ناز نخرا هيا جي سَهڻ کان وڌا
تِير ڏاڍا لڳا پيار جي پنڌ تي

سخت ايذو نه تون يار ٿيندو نه ڪر
جو اثر ٿي وجي دل جي هر بند تي

قيد قابو ڪري تو ”شفيق“ آ وڌو
تون نه آهين اجان حُسن جي انڌ تي

هاءِ بخاري

روئن ٿا هِت هارِي نارِي
هاءِ بخارِي هاءِ بخارِي

هر جاءِ تي ڪهرام ويو ٿي
آهه و زارِي ڪارِي وارِي

سُڪيو پاڻ ٿئين تون ليڪن
قوم سڄي تو پاڻ روئاري

نوان سُور چڪائي سُهڻا
سنڌ سموري ڪئي ڏڪارِي

شاعر تو لئہ ڳوڙها ڳاڙهي
پوري عقيدت ڪن ٿا سارِي

تون تہ ”شفيق“ جو سائين آهين
تو لئہ روئي ٿي يُونءِ پلاري

اٿاريون وڃين ٿو

خطا تي آ کھڙي ڏِڪاريون وڃين ٿو
نوان سُور دل ۾ اٿاريون وڃين ٿو

اسان پوڄا ڪئي تنهنجي پيار جي آ
عبادت اها پڻ مٽايون وڃين ٿو

وڃين ٿو پري پوءِ وڇوڙو ٿو ماري
ڏئي ڳٽتي ڳچ منهنجا ڳاريون وڃين ٿو

محبت ڪرڻ جي سزا هيءَ ملي جو
وَٽو زهر جو تون پياريون وڃين ٿو

مونکي تنهنجي محبت آ ماريو ”شفيق“
ڇو رڻ ۾ او جاني رُلايون وڃين ٿو

تنهنجي پيار جا

تنهنجي پيار جا در بندجن تا
پر سڪ جا در ڪو نہ ڏجن تا

پنهنجي نظر مان ڪيرائين ٿو
الفت وارا پوءِ بہ جِيئن تا

تو ڪي دور ڏسان پيو دِلبر
ڳوڙها ٽِمِ ٽِمِ خوب وهن تا

سامهون اچي پوءِ پاسو ڪرين ٿو
دنيا وارا چا چا چون تا

سمجهين ٿو پر بي وفا ناهيان
”شفيق“ جذبا منهنجا بہ خوب چجن تا

سُپاٽو نه ٿيندو

لُٽي وٺ لُٽيرا سُپاٽو نہ ٿيندو
مُئي ڪان پوءِ تنهنجو جُماٽو نہ ٿيندو

هي سِرُ ڏار ڏڙ ڪان ٿي سگهي ٿو ظالِم
مگر تنهنجو پُونءِ تي ٽِڪاٽو نہ ٿيندو

هي ديس ٿئي ديس واسين جو ڏاريا
جو مومل چِڏي ٿو سو راٽو نہ ٿيندو

ڪرين قتل ٿو نسل ڪي نامراد
تو جهڙو ڪو سنڌ ۾ اياٽو نہ ٿيندو

نہ موهن جي دڙي جي ثقافت لجاءِ
جو هي ٽوپ اجرڪ پراٽو نہ ٿيندو

مري ويندو ڪنوارو ايئن ئي ”شفيق“
مگر تنهنجو دشمن هي نياٽو نہ ٿيندو

پيار جا در پي بند ڪرين ٿو

پيار جا در پي بند ڪرين ٿو
مگر دل جا در ڪليل ئي رهن ٿا

مون ڪي پنهنجي نظرن مان ڏِڪارين ٿو
اهو وڇوڙو جگر جِيئرا نہ سهندا

اڪڙين پنهنجين سان پرين تو ڪي ڏِسان
تہ ڳوڙها لارون ڪري وهن ٿا

تو ڪي جڏ سامهون ايندي ٿو ڏسان
دنيا وارا آڱريون ڏندي ڪٽن ٿا

بي وفا تون چئين ٿو بي وفا ناهيان
وفا نہ ڪيئي“شفيق“ پيار منهنجا ڏڪن ٿا

نظر سان چڻ ڏنگي ويئي

ڏر تتيءَ جو ڪا تہ تنهڻ ۾ مِلي ويئي
حسن جي ديوي نظر سان چڻ ڏنگي ويئي

زلفن جي زنجير سان قيدي ڪري مون کي
چڻ اکين آڏو ڪائي مُورت ٽنگي ويئي

آرزو دل جي اندر ۾ اُپري پئي
من اندر واري اياڻي اُجَ اُجهي ويئي

ڪنهن نگاهن جي سمنڊ ۾ چڻ ٻڏي ويس
يا ڪنهن رڻ پٽ جي سج ۾ ڪُهي ويئي

پيرڙا سُوري اچجان

پيار جا پيرڙا سُوري اچجان
سُک جا ڏينهڙا سُوري اچجان

دور ناهن بَرسڻ لئہ بادل جا ڏينهڙا
محبت جا مينهڙا سُوري اچجان

ڏک ڪبا ڏور نہ پوندا پرين پُور
قربت جا ميلڙا سُوري اچجان

نينهن آ تو سان لڳو پل پل ساريان
پر پاسي ۾ نينهڙا سُوري اچجان

اکين ۾ نہ تون پاءِ

اکين ۾ نہ تون پاءِ پيارا ڪجل
اڳئي اسان جو جگر آ رڌل

سنڌءِ پور پلپل پون پيا پرين
اچي ويھ ويجھو تہ ڪو ٿئيم ٻل

ڪنھن عرصي کان مون سان ڪٿيئي رابطو
نہ خطڙو نہ قاصد نہ ڪاغذ مُڪل

پرين پنھنجو وعدو تہ پاڙي چڏيو
ڪر تبديل جو فيصلو ٿئي ڪيل

جڏهن کان تو چپڙا سجڻ چوريا
تڏهن کان وٺي آهيان ٻولين ٻڌل

تنھنجي شھر وارن نظر ۾ رکيو
چون ٿا نہ اچجانءِ ھوندين ڪُنل

شفيق آھين مون سان بہ شفقت ڪر
اڪيلائي ۾ مِل مون سان ڪنھن مَھل

سنڌي ٻولي پياري ٻولي
تو واري مون واري ٻولي

پيار آ پنهنجي ٻوليءَ سان جو
ڳالهائيندا سون ڪونہ ڌاري ٻولي

ننڍڙا وڏڙا ڳالهائن پيا
سنڌي پورهيت هاري ٻولي

ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين
ماروئڙن منڙن واري ٻولي

ڪارو ڪبڙ پاڻ ڪري ويا
جن بہ اسان جي ڪاري ٻولي

ازلئون آ اقرار ”شفيق“ جو
آهي نينهن نياري ٻولي

(روزانہ آفتاب، چنڇر 21 سيپٽمبر 1991)

هنڌ هنڌ آ هو□ي

شهرن ڳوٺن واهڻ وستين هنڌ هنڌ آ هولي
امن جي اجهڙي تي هر گام وسي گولي

چار ديواريون لڄ ۽ لويون وک وک تي هن روليون
قياس نہ آين پنهنجن تي پوتي پڳ رَولي

آڌي رات جو ٺانا گولين جو پيو مينهن وَسي
لاش تي ويٺي روئي امڙي خالي ڏسي جَهولي

دانهن ڏيون تہ پلا ڏيون ڪنهن کي ليڊر سڀ ڦورو
ڪونهي ڪو انصاف ڪنهن ۾ ٺڳن جي آ ٽولي

ديس واسين کي هن واڳون کهڙيون ميارون ڌارين کي
وحشي وڏيرا هٿڙي ڪيئن ”شفيق“ ٽئي سَولي

محبت زنده آباد

رهي هر ڪنهن جي دل سدائين شاد و آباد
محبت زنده آباد ، محبت زنده آباد

رهين پل مسجد ۾ ڪٽي ڪنهن مندر ۾
شهر يا ڳوٺ ۾ يا واهڻ گهر گهر ۾
پلي جاتي بہ رهين مگر آن سڀ کي ياد
محبت زنده آباد ، محبت زنده آباد

محبت جو نہ رکي ٿو پنهنجي دل جي اندر
اهو انسان آ پر سو آهي ڄڻ پٿر
انهيءَ جي دل کي سمجهو سدائين ناشاد
محبت زنده آباد ، محبت زنده آباد

محبت آهي امر محبت آهي عجيب
ڏِسَي ڪنهن ڏي نہ ٿي تونگر توڙي غريب
جا چاهيندي آ تہ مان رهان پئي شل آزاد
محبت زنده آباد ، محبت زنده آباد

محبت ڪنهنجو ٿي مقدر ايندي آ
ڪنهن ڪان وڻندي آ ڪنهن کي ڏيندي آ

”شفيق“ اجايو تون نہ ڪر ڪنهن تي فرياد
محبت زنده آباد ، محبت زنده آباد

پنجابي پناهُ مهاجر لکن جا هن لَکَ
ڪٽي حُقو ڏانگ آيا دلا ڪائيندا ڏَکَ
ماري مُردار سيئي رُليا ڪجن ها رَکَ
ديس دَلن ڊُکي تن کي هنيا ياڪر ٻَکَ
جوٺا ڪائيندا جَکَ رهيا ”شفيق“ راڄ ۾

تون ڪوڙا ڪُوڙ ڳالهائين ٿو
ڏئي دلاسا دل بهلائين ٿو
سالن کان آسرا ڏيندو آهين
ڇو سارن کي تون ستائين ٿو
”شفيق“ جهڙن کي نڪرائي تون
پو يي پاڻ وٽائين ٿو

رهڻ جو ارادو ڪر

رهي پؤ تون مسافر رهڻ جو ارادو ڪر
ڪير ٿيندو ڪافر رهڻ جو ارادو ڪر

اچانڪ آ ياڳ کُليو منهنجو ملاقات ٿي وئي
سورن جو هو دفتر پڙهڻ ۾ رات ٿي وئي
چڏي مون بہ ڪانہ ڪسر رهڻ جو ارادو ڪر

ڏِسڻ سان تو کي چؤ طرف آواز اُٿي پيا
چا ڪيان مان پي لڪايم گهڻو ئي پر باز اٿي پيا
هي زندگيءَ جو آ ڏکيو سفر رهڻ جو ارادو ڪر

ٻڌ حال منهنجا يار جاني پوءِ جي پارت اٿئي
حال منهنجا هيٺا اٿئي جان ۾ ڪو نہ رَت اٿئي
منهنجو ڪونهي تو سوا همعصر رهڻ جو ارادو ڪر

سُونهاري عيد آ

اڄ حَسينن سان ملڻ واري سُونهاري عيد آ
واهه جو سُهڻي سِين ڪان هي پياري عيد آ

اڄ هلي ديد ديدن سان مِلايون دلربا
پل ٿين جهيڙا جهٽا سِرَ تي وَسايون دلربا
سمجهنداسون پوءِ ير هاڻي سوپاري عيد آ

اگر ملين يا نہ ملين تو سان ملڻ آ منهنجو ڪم
تو ڪي جانچڻ تو لئہ تڙپڻ فرض آ سهٽا صنم
تو سان ملبو ڪنهن طرح چو جو پلاري عيد آ

تنهنجون يادون ٿيون پون تو ڪي ٻڌائڻ تو گهران
زندگي باقي بچيل سا تو سان گهارڻ ٿو گهران
ويهه پر ۾ ٿورڙو جو وِصَل واري عيد آ

ٿي ويو هر ڪو مخالف هر جڳهه تڪرار آ
تہ بہ ”شفيق“ تو ڪان نہ هٽندو پڪو اقرار آ
ڏيهه پو ڏيندو مبارڪ نينهن نِياري عيد آ

فرقت جي ڦاهي

نينھن نظارو نيڻن ۾ تنھنجي ڏنم ڏاهي
ويو ”شفيق“ مدهوش ٿي دل تو ڏي ٿي راهي
فرقت جي ڦاهي هر قائل جي پئي ڪنڌ ۾

سڪ نہ ٿي ڏاهي ڏئي ڏاتيارن ڪي
سڄڻ منھن مٿي ٿيو منزل ڏي راهي
محبت جو ماهيءَ ويو اصلي ماڳ تي

منھنجي نيڻن ۾ عشق ڪئي آلاڻ
ايڏو پري ٿو رهين ڇا لئہ ڇاڪاڻ
”شفيق“سان مل هاڻ تہ ڪيون ڪچهريون قرب جون

قومي گيت

جيئي ٻچڙو ٻاڳن ڀلڙو سنڌڙيءَ جو
شاد رهي شل سائو سَلڙو سنڌڙيءَ جو

سچل شاهه صوفي ساميءَ جي سنڌ آ
حمل بيڪس بيدل جاميءَ جي سنڌ آ
هر هڪ ساٿي ماٺهو منڙو سنڌڙيءَ جو

جدا ٿي ڪا سنڌ جي سِينڌ سنواريون يارو
ڪڙڪي سان غير هٿان ٻه ڏڪاريو يارو
پرم آ رڪٽو ثابت سُنڙو سنڌڙيءَ جو

ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين سنڌ جيئي
سائو هجي سلڙو يار سدائين سنڌ جيئي
گل گلابن جهڙو ادڙو سنڌڙيءَ جو

”شفيق“ تنهنجو هر حالت ۾ مالهي آهي
تو سان ڪِيس ڏسي هر اڪ آلي آهي
خوش وَسي شل ڳوٺ ۽ ڳلڙو سنڌڙيءَ جو

ڇڏي ٿو

گل گلابن جهڙو چهرو مَهڪار ڇڏي ٿو
جيءُ جهوري مُنهن مَوڙي پيار ڇڏي ٿو

زنده آهيون پيار جي آسري
بي سهارو آ سنسار جي آسري
سهارو ملي ٿو ديدار جي آسري
وقت پنهنجو انتظار ڇڏي ٿو

يار جي پيار ۾ ٿيي فنا ٿي وياسين
سنسار جي نظر ۾ ٿيي آشڪار ٿياسين
پيار جي پردن ۾ ٿيي پهريدار هياسين
اشارن سان ڇئي پليڪار ڇڏي ٿو

عشق جي درياھ ۾ دم پڇائي
پيار وارن کي ٿيي ٿو گڏ رهائي
دل جي اونهي کوھ ۾ ٿو لاهي
ڪري امتحان لئي تيار ڇڏي ٿو

هاڪر ٿي مان ڪندس پيو

هاڪر تي مان ڪندس پيو اعلان دم بدم
ڏرتي تي ماري ڏاريا جيسين نہ ڪيان پسم

اي سنڌ تو ڏي جيڪو ڦيري نظر بُري
ان تي وهائي ڇڏيان گردن مٿان ڇُري
قاتل ڪُهي ڇڏيندس مٽيءَ جو آ قسم

مٽيءَ ۾ وار لئوڙيل تنهنجا حامي ڏسي
ماتم ڪري ڪري پوءِ دامن پيم پُسي
جابر تي هاڻ پنهنجو ڪٽٽو پيو قلم

سنڌو جو هر ڪپر پئي تڙپندي ڏنم
ها سيد موج ڏاڍي مايوس پئي لڳي
هر وهڪرو رنو پئي هلندي قدم

رت سَت ڏئي لاهڻو آ امڙيءَ جي قرض کي
چو جو نباهڻو آ لوليءَ جي فرض کي
وِڪَ وِڪَ ستمگرن جو سَهڻو اٿم ستم

اڪثر شرير ماري پيدا ڪيا رفيق
خدمت لئہ خلق واسطي گهرجن گهڻا "شفيق"
يارو بچائڻو آهي پُونءِ جو ڀَرم

جيئي سنڌ جيئي سنڌ

دور نہ رهندس نعرو هڻندس، جيئي سنڌ جيئي سنڌ
آزاديءَ جو جهنڊو ڪڻندس، جيئي سنڌ جيئي سنڌ

قابض تون آن جابر تون آن، ظالم تون آن فاسق تون آن
حق چوندس مور نہ مڙندس، جيئي سنڌ جيئي سنڌ
بد نيت تون نيت جو ڪيڏو آهين پليت سفا
سچو توکي مور نہ چوندس جيئي سنڌ جيئي سنڌ
ڪئي اسان مهمان نوازي تو ڪئي ڪيڏي زيادتي آ
غدارن کي ماري وجهندس، جيئي سنڌ جيئي سنڌ
پرڏيهي تو ڏيهين جا ڪيئن جلايا جهوپا هن
محل اڏڻ ڀي تو کي نہ ڏيندس، جيئي سنڌ جيئي سنڌ
ڪوڙ ڪمائي مسڪينن جا حق غضب چا لئہ ٿو ڪرين
غاصب تنهنجو ڳَنڊ ڳَپيندس، جيئي سنڌ جيئي سنڌ
نگري نگري ڪاميءَ ساميءَ سچل شاهہ سان سونهين ٿي
ان ۾ تو کي ساعت نہ سَهندس، جيئي سنڌ جيئي سنڌ
هوشو هيمو دودو دولهہ جو آ پيارو ديس هتي
ويري تو سان وک وک وڙهندس، جيئي سنڌ جيئي سنڌ
مڙس ٿي هت ميدان ملهائي منڪر ماري مات ڪبا
"شفيق" نعرو سنڌ جو هڻندس، جيئي سنڌ جيئي سنڌ

منهنجو جيءُ جهوريو

تنهنجي جدائي آ منهنجو جيءُ جهوريو
منا ماسُ هڏن تان ڪَپي ڇڻ ٿا ڳَوريو

ڪهڙي ڏوهہ جاني ڪئي تو جدائي
مون تہ هر وقت تو سان ڪئي ٿي وفائي
مون سدا ساھہ تو تان هر وقت گهوريو
جهليو ڪنهن ٻئي ٿئي يا پاڻ تو پليو آ
ويهي سُور مون سان نہ ڪڏ تو سليو آ
ڏک سک ۾ تو سان منا مون تہ ڏوريو
تنهنجي حڪم تي سدا مان هليو هان
پلجي ٻئي سان نہ ڪڏ مان رليو هان
پلي ڏوهہ منهنجا ثوابن سان توريو
احترام تنهنجو ڪندو مان تہ آهيان
جدا رهڻ تو ڪان نہ ٿو يار چاهيان
ڇو ٿا ڪاٽي باھہ ۾ سهڻا ماڻهو سوريو
وفا "شفيق" تو سان ڪندو مَن رهي ٿو
مولا ڏسي ٿو توتي ڪَکُ نہ سَهي ٿو
اسان تنهنجي وِڇ ۾ پتر ڪنهن آ پوريو

درخواست قبول ڪر ديدار واري

منهنجي دل جي آرزو آهي پياري
درخواست قبول ڪر ديدار واري
دل منهنجي ۾ آهي ڏاڍي ڏکاري
هاڻي تنهنجي ناهي رهي معياري
ڪريار هاڻي منهنجي ۾ پوئواري
اجايو تو آ منهنجي ۾ دل روئاري
گڏجي گهمون تہ ڏِسي دنيا ساري
منهنجو تون وڏو سهارو هُئينءَ
منهنجي دل جو ۾ دروازو هُئينءَ
ٻڏندڙ دل جو تون ڪنارو هُئينءَ
منهنجي دشمن جو مارو هُئينءَ
توکان سواءِ آ مون ۾ دل هاري
هاڻي ناهي رهيو منهنجو اوهي واهي
توکان سواءِ آهي چوطرف اونداهي
کڻين خدا جو قسم ڏيان مان ۾ گواهي
توکي ياد ڪندي دل نہ پٿي آ ساهي
توکي مون پائڻ لئي رکي جدوجهد جاري
جلدي ملي وڃ تون منهنجي آهين ڪمزوري
هاڻي ڏک ۾ مون سان ڪن ٿا سينا زوري
زندگي گذري ويئي آ حياتي آهي ٿورِي
ٿئي آخري ۾ منهنجي ۾ خواهش پوري
ڪر ”شفيق“ سان ۾ يار ملڻ جو حڪم جاري

نينهن جا نعرا

منهنجا پائر تو ئي ماريا
سنڌ امڙ جا سينا ڏاريا
پوءِ بہ اسان جا نينهن جا نعرا
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ
گهر گهر جي تون تلاشي ونين ٿو
ڪر ڪجھ ڏيان او ڏرتيءَ ڏاريا
پوءِ بہ اسان جا نِينهن جا نعرا
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين
رت اسان مِهراڻ ۾ هاريا
پوءِ بہ اسان جا نِينهن جا نعرا
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ
خودمختياري ظالم ڪان ونئي
جنهن تہ اسان جا ذهن اٻاريا
پوءِ بہ اسان جا نِينهن جا نعرا
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ
سنڌ جي خاطر سائين وڙهبو
ستل جذبا ظلم اٿاريا
پوءِ بہ اسان جا نِينهن جا نعرا
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ

مان نينگر تو تان گھور وڃان

تو ڪي سنڌ امڙ جي لولي
تنهنجي ٿڃ سان آهي ٻولي
مان نينگر تو تان گھور وڃان
تنهنجي لولي ڪينجھر آ رڙ
ڏي ڪا سنڌو واري ڇولي
مان نينگر تو تان گھور وڃان
اڄ دانهن ڪري اُٿي منڇر
دل ڌڙڪي پيس ڇپ تي هولي
مان نينگر تو تان گھور وڃان
سنڌ سور ۾ سڏڙا ڪري ٿي
انگ ونگ ۾ پيي آهي اولي
مان نينگر تو تان گھور وڃان
غير ٿيا غيرت جا دشمن جاني
جن راحت قوم جي رولي
مان نينگر تو تان گھور وڃان
هيئن ٻولَي ”شفيق“ ڏئي لولي
آڏو سنڌ ته پنيان گولي
مان نينگر تو تان گھور وڃان

سنڌي ٻو□ي

پياري اسان کي سنڌي ٻولي
تون جنهن سان ٿو ڪيڏين هولي
لولي آ لولي سنڌي ٻولي
ڪين ڪي جابر قابض ٿيندي
راهہ ڪبئي بند تو جا ڳولهي
لولي آ لولي سنڌي ٻولي
روز نوان ٿو ناهين ٻَهانا
پنهنجي آ چو تو مت رولي
لولي آ لولي سنڌي ٻولي
بند نہ سنڌو جو ڪر پاڻي
چوهہ وجائيندئي هر چولي
لولي آ لولي سنڌي ٻولي
حق جي ڳالهہ ٿا ڪريون اسان
تو کي لڳي ٿي ڇا لئہ اولي
لولي آ لولي سنڌي ٻولي
لولي آ لولي ”شفيق“ آ ٻولي
سنڌي ٻولي آ سُهڻي سولي
لولي آ لولي سنڌي ٻولي

ڏوه ڪندو رهندس

مان تو کان حق گهران ٿو پيو
تون مارين جوڙا جوان ٿو پيو
مان اهڙو ڏوهه ڪندو رهندس
مائن جا تو گود اجاڙيا
جهوليون خالي ڏسان ٿو پيو
مان اهڙو ڏوهه ڪندو رهندس
تون بندش رک نہ ٻوليءَ تي
مان سنڌي شعر لکان ٿو پيو
مان اهڙو ڏوهه ڪندو رهندس
سنڌ جو تون پيو مٽين نانءُ
مان روشن راهه ڪيان ٿو پيو
مان اهڙو ڏوهه ڪندو رهندس
منهنجي سچ کي ڪوڙ نہ سمجهه
ڏاڍي ساڻ لڙان ٿو پيو
مان اهڙو ڏوهه ڪندو رهندس
شڪ ”شفيق“ ۾ چو تو رکين
ڌرتيءَ لاءِ وڙهان ٿو پيو
مان اهڙو ڏوهه ڪندو رهندس

چو سِٽا

سنڌ سنڌين جي آهي مڪڙي جي پيءُ جي ناهي
ڪنهن بزدل لاڏائو پڪاري جي پيءُ جي ناهي
”شفيق“ روز روز گدڙ پيڪي ڏئي للڪاري ٿووينو
هڪ آواز ٻڌجي چئون ڏڪاري جي پيءُ جي ناهي

شاعر ليکڪ اديب سچ لکڻ ڪان ڊڄن ٿا
فيس بوڪ تي ٽڪر پيا هر هر هلن ٿا
ڪتاب پڙهڻ لئہ ڪير بہ تيار ناهي ”شفيق“
ڪئين ”خليفا“ ٿيندا سنڌ جا اڻ ڄاڻ ٿي رهن ٿا

سنڌ کي ڪائڻ لئہ ٿيا نيمڪ حرام هي ڏائڻ
اسان جا گونگا وجين وينا اسيمبلين ۾ ڪمائڻ
روز روز پيا مهاجر نئون ڊرامو رچائن ”شفيق“
اڙي دشمن ڪائڻ ڪمائڻ پوءِ بہ سنڌ کي نہ پائڻ

ڏسو تہ يار صفا حد ڪري ڇڏيئين
ديدار جا در پيي بند ڪري ڇڏيئين
”خليفي“ تي الائي ڪهڙي ڪاوڙ اٿس
نہ دعا سلام نمبر پيي بند ڪري ڇڏيئين

ڳالھ ڪر دردن جي دوا آھين
يا ٿيو مون کان ڀي خفا آھين
”خليفي“ کي ڪولي ٻڌاءِ سچڻ
وفادار آھين يا بي وفا آھين

تو بنا منھنجي نہ ٿي سَري احساس تہ ڪر
دل ديدار بنا پئي ٿي سڙي احساس تہ ڪر
اھڙي ڪئي آ تو ٻئي کي جرئت نہ ٿيندي
”خليفو“ روز روز تو لئي مري احساس تہ ڪر

نيٺ عاشق دلبر جي اسپتال ۾ پھتو
يار ھيو پيار جو بيمار پر بيحال پھتو
”خليفا“ ٺڪي ڦوٽي اصلي اثر ڏيکاريو
خوش ٿي ويو جڏ يار پڇڻ حال پھتو

دلبر مون کان ڇو تو منھڙو لڪائين
روز روز مون مسڪين کي تو سڪائين
”خليفي“ جو قصور ڪھڙو آ جو ديدار لئي
ھرھيڏي تو پڇائين ھر ھوڏي تو پڇائين

مون کي محبت واري جيل مان آزاد ٿيڻو ناهي
ڪيس تنهنجي عدالت ۾ اڳي ئي پيش ٿيل آهي
”خليفا“ ڪَيس بيان ڪر نہ تہ فيصلو محفوظ آهي
سزا پيي محبت جي ڦاهي يا عمر قيد رٿيل آهي

منهنجي نظر ۾ آهي تہ وڏي سياڻي
ڏسي مونکي ٿي وجي ٿي پاڻي پاڻي
”خليفا“ ڏس تہ صحيح ايڏي پڪائي
خبر هوندي پيي ٿي وجي ٿي اياڻي

روز روز رهان ٿو تنهنجي انتظار ۾
توکان سوا اڪيلو آهيان هن سنسار ۾
”خليفا“ چا ٿي ويو ٿئي يار تو کي هاڻي
ڪنهن جي ڪري سڄو ڏينهن رهين ٿو خمار ۾

اجنبي سان محبت ڪري ڏس
اڻواقف سان محبت ڪري ڏس
”خليفا“ عشق ناهي راند دل وندرائڃي
ڪيترا وس وارا پيي ٿيان بي وس

دنيا آخرت سنوارڻ چاهين ٿو تہ نماز پڙهہ
منزل تي پهچڻ ٿو چاهين تہ توحيد ۾ ڪڙهہ
”خليفا“ الحمد تہ نهيو پڙهڻ ڪلمو نہ ٿو اچي
دعویٰ ڪري ٿو تہ جنت جي چاڙهي هيئن چڙهہ

ڏينهن اڳ تو وٽ يار مصري هياسين
هاڻي اجنبين وانگر تو کان وسريوياسين
”خليفا“ محبت جي امتحان کان اڳ ئي
انتظار جي الزام ۾ گرفتار ٿي وياسين

ختم تو ياري ڪئي اسان ٻي توبہ زاري ڪئي
پيار جي راهہ ۾ هلڻ جي تو ٻي بيزاري ڪئي
”خليفا“ ڏنوسين توکي ٻي پيار ۾ پرکي پر تو
خواري ڪئي اسان تہ نياز نوڙت واري ڪئي

پيار جي قيدي جو ڇا حال هوندو
ڪيڏو نہ بي چين بي حال هوندو
”خليفا“ ملاقات لاءِ سڀ دوست اچن
پر هو نہ اچي ڪيڏو نہ خال هوندو

اوهان جي مٺان رحم جو مينهن انو
دوستو اسان ڪان پيي حال احوال وٺو
”خليفا“ اسان تہ اڪيلا آهيون يار خبر
ناهي هٿن جي لڪير ۾ آ ڪير بينو

ڳالهہ ڪر دردن جي دوا آهين
يا ٿيو مون ڪان پيي خفا آهين
”خليفي“ ڪي ڪولي ٻڌاءِ سڄڻ
وفادار آهين يا بي وفا آهين

منافق سان ياري هٿ سان ڪرڻ آهي پنهنجي خواري.
ڪٽين ڪيتري بہ عزت ڪري پر اها پيي سمجهہ اڌاري.
دنيا ۾ سوچي سمجهي اڳتي وڌ جي عزت اٿئي پياري.
پوءِ ”شفيق“ هيءَ دنيا ساري پيار ڪندي رهندي تو سان.

تو بن دل اداس آهي منهنجي جيئن آهي ٿر
يادون اهڙيون ٿيون اٿن جيئن اٿي تو اوٿر
مون ڪي پري نہ ڪيو يار پنهنجي ”شفيق“ ڪان
ظالمو نہ ڪٽيو سمجهي ڪارونجهر جو پٿر

ڏيکاءُ واري ياري کان منهنجي پيي توبہ زاري
هئي ڏاڍي پياري منهنجي دل دردن جي ماري
”شفيق“ ها ڪر يار نہ ڪر پنهنجي دل ڏکاري
اهڙي پياري ڪڏهن ڪو نہ ملندئي ڪوٺن ۾

انور علي جوکيي ڏنو هر ڪنهنکي پيار آ
تڏهن تہ اسان سيني جو پيي يار آ
قرب جا پيار جا پارائي هار ”شفيق“
اسان پيي پيار ۾ ڪيو شاهد سڄو سنسار آ

شعرن ۾ ڳجهارت ۽ لڪيل آهي پيغام
خبر آهي ان کي ڪنهن کي ڪيان ٿو تلاش
ڳجهارت پڇين اڇي پيش پوندو ”شفيق“
تڪڙ ناهي وقت کان اڳ ٿي نہ پوي رازفاش

خاص ماڻهو لئہ خاص پيغام
پنهنجو اظهار ڪريان ٿو عام
ماضي ۾ تون رازدار هُئين ”شفيق“
اڄ تہ دوستي ملهايون سرعام

تنهنجي منهنجي پيار جو پيي اظهار بي ڏياني هو
تنهنجي شهر مان منهنجو گذر پيي امڪاني هو
چوراهن جي چوطرف پيي پهرا هئا "شفيق" تي
الائي ڇو اسان جو ملڻ پيي ماڻهن لئہ پريشاني هو

ويهي ڪيون ويچار قانون زور يا رشوت زور
قانون اميرن لئہ رانديڪو غريبن لئہ آهي نوڙ
حقدار کي حق پيسي کان سواءِ نہ ملندو "شفيق"
رشوت ڏئي قانون کي پيي ڏي ڪو وڏو توڙ

درد مندن جي دوا هجي پيار جو ڪو وڏو درياءُ هجي
پيار ساقي وينو پياسن کي ناراض متان ڪو ساھ هجي
پيارن جي ڏنل ڏنين تي ڪا مرهم ڪر تون پيي "شفيق"
يار هيو ڪو پياسو هتڙي ان پياري کي پيي آگاھ ڪجي

دنيا ۾ منافقن جو تہ تعداد وڌندو ٿو وڃي
ايماندارن جو تعداد روز روز گهٽندو ٿو وڃي
ڪيڏي بہ خدمت ڪر پر عادت ڪان نہ مڙندو
پوءِ بہ "شفيق" ماڻهو پاڻ کي بچائيندو ٿو وڃي

سنڌ جي عشق ۾ پيي وڏو مجبور آهي
گهڻن لئهنفرتتہ گهڻن لئہ سُرور آهي
”شفيق“ تہ هر وقت دعاڳو آهي سندس لئہ
پڇو ڳجهارت نصيحت ڪرڻ ۾ مشهور آهي

محبت ۾ وجهي ڇڏيئي گهاري
اها آهي اسان سان تنهنجي ياري
”خلفيا“ يڪدم جواب ڏئي ڇڏيئي
محبت جي پيغام ۾ ٿي وئي خواري

اي نوجوان پنهنجو ڪتابن سان ناهہ ڪر
وقت وڃائي نہ پنهنجو مستقبل تباهہ ڪر
چوندا آهن تہ سچ وڏو ڏوهاري آهي ”شفيق“
يار نسل تباهہ پيو ٿئي قوم کي تہ آگاهہ ڪر

نہ مال نہ دولت بس تنهنجي دل اندر منهنجو گهر هجي
نہ ڏک نہ درد پيار تنهنجو پيي وندر منهنجو گهر هجي
”خليفي“ کي روز روز ديدار لئي ستائين پيو ڇو ٿو يار
تنهنجي محبت ۾ دلي سڪون جو در منهنجو گهر هجي

هوڏسو ماڻهو ڳچي تائين آهي قبر ۾
پوءِ به ڪين نہ رهي ٿو پيو صبر ۾
شيطان پي لڄي پيو ٿو ٿئي"شفيق"
پنهنجو حساب ڪيئن ڏيندو حشر ۾

ها مان سرعام ٿو چوان ها مان سنڌي آهيان
هر هر سوين سلام ٿو ڪيان ها مان سنڌي آهيان
چوي "شفيق چنا" سنڌو تون سنڌين جو ساهہ آهين
ايڪتا جي هڪ آواز سان ها مان سنڌي آهيان

سنڌ سنڌين جي اصل ڪان آهي
ڪنهن وڏيري ظالم جي پي ناهي
"شفيق" سچل قلندر شاهہ عنايت صوفي جهڙا
ڏئي ويا پيغام پيار جو پي پيچرو ناهي

منافقن سان نہ رک تون ياري
اجايو نہ ڪراءِ پنهنجي خواري
ڳڏ ڪائي پوءِ وڙهندا آهن "شفيق"
ڪيترن جي ڪئي اٿن دل آزاري

هر وقت اکڙين ۾ تصور تنهنجو
مون کي لڳي ٿو ڏاڍو سهنجو
خليفا تصوير کان تصور تائين
روح ۾ رهي پيو سڄڻ منهنجو

ڪراچي اسان جي شهه رڳ آهي
سنڌي ٽوپي اجرڪ پڻ پڳ آهي
سَنواربي سنڌوءَ جي سينڌ "شفيق"
دنگ جي دنگل جو بچيو دڳ آهي

انتظار جي شڪايت ڪيئن ڪجي
يار کي پيار ۾ مَيار ڪيئن ڏجي
اجان تون پڻ سِک "شفيق" نئون آهين
امتحان وڏو اٿئي امتحان پڻ پاس هجي

خوبصورت ڇوڪري خوابن ۾ تنگ ڪري ٿي
اجايو هر هر سوالن جوابن ۾ تنگ ڪري ٿي
هر سوال جي جواب کي مڃين نہ ٿي "شفيق"
سوال جو جواب آهي حجابن ۾ تنگ ڪري ٿي

محبت جو پيي نشان آهين
نفرت جو پيي نشان ناهين
کھڙي تعريف ڪري تنهنجي ”شفيق“
دل ڪان پڇ تہ اسان لئہ چاهين

پرين پيارو سائين پير اختر
روز حاضري پريان هن جي در
”خليفا“ تنهنجي عمر ۾ شادي ڪري
ويو تون اجان پيو ڪوشش ڪر

چا ورندو حسد ڪرڻ سان
قرب جو در بند ڪرڻ سان
”خليفا“ عزت ڪٽندي ئي ناهي
ڪنهن ڏي هلي وڃڻ سان

ظالم ٿو مظلومن جا ڪيئن ڪَپين ڪنڌ
جبر اڳيان نہ جهڪندا سنڌي غيرتمند
ارغون ۽ ترخان پيي هاري ويا هن هنڌ
ڪٽي سگهيا نہ سنڌ هارائي ويا حاج ۾

سنڌ ڪيٽي ڪان ڪشمور تائين عظيم
آ ڪينجهر ۽ منڇر جو پاڪ آب
آ سانجهه سنڌ جي موهن جو دڙو
آڻيو ان ۾ آزاديءَ جو انقلاب

آ طارق اشرف جي سهڻي نشاني
ڏئي جوت جذبن کي ڏنئين جواني
سندس سوچ ۾ لوچ هئي سنڌ خاطر
ادب ۾ ڏنائين سڄي زندگاني

ساهه جو ڏيپ ڳنن جا ڪڙڪاٽ ۽ هئي ڪاري رات
دهشت درياءُ پنڌ ڏورانهون مُنهن ۾ مشڪلات
تہ بہ نہ پئي سهڻي جي سڪ ۾ ڪا رڪاوٽ اي ”شفيق“
ٻانهن لوڏيندي ونڻ ويئي بقا واري حيات

تون پيٽ پرين مان ٻک ۾ چُور
مان ٿو سَهان مظلوم جو سُور
او پيرئو ميرئو پٽيو ڪا اڪ
ڌرتي ٿي روئي ڪجهه چڏيو غرور

غير ٿيو جي باغ جو مالهي
گلڙن جو پو خير نہ آ
سنڌ تي سچ جي لوڙي سزا
ماروئڙن جو پيي خير نہ آ

غربت جي ملامت جا هي ماريل ماڻهو
ڪنهن قهري عدالت جا هي ڌڪايل ماڻهو
مانيءَ ڳپيي لاءِ محتاج هي لڪين لاوارث
ڏاڙي دهشتگردي جا هي ساڙيل ماڻهو

رکي محبت دغا ڪندا ناهيون
بي وفا سان وفا ڪندا ناهيون
راهِ الفت ۾ بہ سر ڏيون ٿا "شفيق"
حرص ۾ سِرُ فدا ڪندا ناهيون

وينو وهم پچائيان ڪيئن ملهائيان عيد
ظالم تنهنجي ظلم ڏي ڏريون ڪهڙي ديد
يوسف ۽ حبيب الله آهن ٿيا شهيد
اٿم اها اميد امن ايندو ڪڏهين

هٿ جا سينگاريل حَسين ناهن
لالچ وارا هي اهي امين ناهن
جيڪي ٻين جي لاري لڳن ٿا
”شفيق“ اهڙا سي ذهين ناهن

منهن تي سچ مان چوندو آهيان پرپٺ گهٽ وڌ چوندو ناهيان
ڏاڍي آڏو اڙڏو بڻجي ديوارون ٿي بيهندو آهيان
جا بہ مصيبت ايندي آهي ان کي مُنهن ”شفيق“ ٿو ڏئي
طوفانن سان لڙندو آهيان سوپون ماڻي جيئندو آهيان

سنڌ جا منڪر مرده باد
شهيد سارا زنده باد
خون شهيدن جي رنگ لاتو
ڌرتي وارا زنده باد

گهڻا مور مان پيي ڏسان ڏيهہ ۾ ٿو
نظر اهڙو مون کي نہ انسان آيو
رچائي ٿي جنهن سان وجي اڄ رهاڻ
ڪري مهرباني سو مِهمان آيو

مان سچ چوان ٿو ازلئون ها هن سنڌ ڌرتي جو پوڄاري
هن ديس جا دودا جوڌا سڀ گڏ پاڻ ڪنداسون هر ساٿي
هن سنڌڙيءَ ۾ سنڌو جا سڀ دشمن ماري ڍير ڪبا
غيرن جا ڪنداسون لاش ختم جيئن گاهه لتاڙي ڪو هاٿي

سنڌ جي آزادي هوندي هو ڪو نه هوندو
هٿ ۾ هٿيار هوندا ڪوڪو نه هوندو
ميدان جنگ ۾ جيڪو وڙهندو يارو
مرد مجاهد هوندو ٺوڪو نه هوندو

ڪربل جي ميدان ۾ نعرا هنيائون
ڪٺي جهنڊو دين جي دعوت ڏنائون
شمر يزيد ٿيا انڌا ڪهڙو ڄاتائون
غلط ڪيائون ميڙيئون ڪونه مراد ڪي

ڪوفين آڻي اِمامن ڪي ڪَيَڙي غداري
ڪربلا ۾ڪِيس ٿيو زاري ڙي زاري
شهزادا شهيد ٿيا مُرڪي پيا ماري
دنيا هي ساري، روئي رت ”شفيق“ تي

هي برڪت ڀريو ماهہ رمضان آ
ٿيو جنهن ۾ نازل تہ قرآن آ
ڏني جن ڀُني اهڙي نعمت ڪي آ
انهن جو "شفيق" ڏاڍو اَرمان آ

وڏو شان آ ماهہ رمضان جو
جنهن ۾ ڇوٽڪارو مسلمان جو
شفاعت انهيءَ تي ٿئي ٿي "شفيق"
قدر جنهن خدا جي ڪيو مِهمان جو

ماڻهو موتيءَ داڻا سپ مِهراڻ جا
سپ بڻيا سينگار آهن تہ رِهاڻ جا
شفيق ڊودا جوڌا سنڌڙيءَ وارا سپوت
واسيل آهن واسي سپ سُرهاڻ جا

سنڌوءَ جا هي گل ڦل موتيءَ داڻا آهن
نپيا سپ مهراڻ جي موج ۾ راڻا آهن
ڇو نہ ملهايون تن سان رهاڻيون يار شفيق
سنڌ جي ڌرتيءَ لاءِ سي مکڻ ڇاڻا آهن

ڪارا لٽا پهريان ٿو مان تو لئہ يار
غم ۽ ڏک ۾ سمجهن ٿا سڀ منهنجا پار
ڪسجي وڃن ٿا جنهن ڪان سُک دنيا جا ”شفيق“
گهمندا سي ڏس کهڙا ڪري سُهڻا سينگار

ڪارا لٽا ڪري گهمان تو لئہ ٿو مان يار
ڏک سُک ۾ ٿو نِڀاهيان يار سڀ اقرار
ڪسجي وڃن ٿا عيش دنيا جا مِڙئي ”شفيق“
سينگارجي پو ڪيئن گهمان ڪنهن جي آءٌ آڌار

تو در تان يار ڌڪاريو هو
مون پيار لئہ تو کي پڪاريو هو
تو هڪ بہ شفيق جي ڪا نہ ٻڌي
جو سخت رويو تو ڌاريو هو

ٻُلن تان وهن ٿا ڳوڙها لارون
منهنجي دل تي وئي صفا ڦارون
رنل تو کي جڏهين ڏنو هو ”شفيق“
سُڪو ساهہ دل تي پئي ڌارون

دل تو ڪي ڏيون مان ايئن پيو وجان
پاڻ خالي ڪيون مان ايئن ٿو وجان
ڏيون تو ڪي سڀ ڪجھ وجي ٿو ”شفيق“
زھر جو ڍڪ پيون مان ايئن ٿو وجان

پيار جا موتي ميڙيون وينا
سهڻي سڪ سَهيڙيون وينا
واڏايون هڪ ٻئي کي ڏيئي
هر جاءِ پريت پکيڙيون وينا

ڪيڏي آ سُرهاڻ پيار جي ٻيڙيءَ ۾
اڄ تہ ڪيون ڪا رهاڻ پيار جي ٻيڙيءَ ۾
اوسيئڙو آ ”شفيق“ تنهنجو خوب ڪيو
آءُ تہ ڊولڻ هاڻ پيار جي ٻيڙيءَ ۾

تون نہ ٿو پائين تنهنجي مرضي
مان پائنيان توکي منهنجي مرضي
”خلفيا“ ميارن کي ڇڏ ٿورو سمجھ !
پيار ۾ هلندي آ ڪنهنجي مرضي؟

تصوير تنهنجي دل ۾ رکان ٿو
گيت غزل ڪو تنهن تي لکان ٿو
پرائي ڪي پنهنجو ڪيئن بڻايا ”شفيق“
اهو ڏانءُ ڏاهپ اڃان مان سکان ٿو

اسان موتي آهيون مهراڻ جا
هو نہ ٿو مڃي تہ ڇا ٿي پيو
جنهن کي مون ٿي چاهيو ”شفيق“
هو ڪري مون سان ها ۾ نہ تہ ڇا ٿي پيو

لڳن ٿا هي چنڊ ستارن جهڙا سُهڻا سُهڻا چهرا
ائين ٿو لڳي تہ ڄڻ گهوٽن ٻڌا آهن سَهرا
ڏسو ”شفيق“ اڇڻ تي پٽين هنيا پهرا
اهي ڪميڻا ڪهڙا؟ ٿا روڪن منهنجي روح کي

ڪولي خوشبودار وارن سان تون اهڙو وَارُ نہ ڪر
رقيبن سامهون اهڙا سُهڻا تون سينگار نہ ڪر
رهہ گڏ ”شفيق“ سان دلبر تنهن کي ڏار نہ ڪر
پنهنجي چاهيندڙ چڻي تي حملا هوند هزار نہ ڪر

غريب مسڪين جو ناهي ڪو گهر گهاٽ
پوتار رهي بنگلن ۾ گهمي ڪٽي ڳاٽ
ووٽ وٺي غريبن ڪان ڪن ”شفيق“ نخرو ناٽ
پوءِ بہ ٽرڙا ٽاٽ سدا ڏسون پيا سنڌ ۾

محبت لئي سڀ ڪو مرندو آ
ڪو محبت سچي ڪري تہ سهي
دل تہ سڀ ڪي چاهي ٿي پر
ڪو قدم اڳتي سُري تہ سهي

تو ڏنو ٻُڌو ڪڏهن
ڪڪڙ سونو انڊو ڏنو آ
ڇَهي تہ واهہ ڪي ڏيون ٿا ”شفيق“
درياءَ ڪي ڪنهن ڳنڍيو ڏنو آ

بيداد ڪان تون ٿو ڪهڙو داد گهُرين؟
سو بي درد ڪهڙو تنهنجو هي داد ڪندو؟
بي ايمان ڪان نہ گهُر مانُ شفيق
اهو ناشاد ڪي ڪهڙو هِت شاد ڪندو؟

حق پرايو ڪائي پيٺ پريو جن
اهو ٻئي ڪي پور ڏئي سگهي ٿو ؟
سچ ”شفيق“ ڳالهاءِ پلي تون
اهو سچ ٻئي ڪي چئي سگهي ٿو ؟

سچ نہ عمر ساري چيائين
توڙي اڇا وار ٿي ويا ٿس
سچ جي تنهن کي ڪهڙي ضرورت
ڪوڙا سپئي يار ٿي ويا ٿس

اڇا ڪارا ظاهر ٿي پيا سڀ، نيٺ اهڙو ڪم ڪيو آ
نٿي ڳالهہ لڪي ڪنهن جي ڪائي،ٿي ڪوڙ جو نڪ ۾ دم پيو آ
محفل مزي واري ڪاڪا سڪون دل کي ڏيندي سا
جاٽي ڪنهن پياري ماڻهو سان ڪا رهاڻ رچائي ويندي آ

اهڙيون رچن روز رهاڻيون
يار اخلاق ۽ ادب وارن سان
جيئن اڄ رچائي ميهڙ ۾ وئي
ماڻهن مٺن پيارن سان

پري پاڪر تو سيني لائين
ووٺ وني نہ ليئو پائين
وقت گذرندي دير نہ ٿي ڪا
متان ”شفيق“ چئي پو پڇتائين

تنهنجي منهنجي محبت جو هل
سادگي منهنجي تي يار ڪِل
ڪري بهانو روز ”شفيق“
ڪهڙو ڏس تو پرين بِل

چڱائي چئو تہ ماڻهو پڳا تا وتن
پنيان ڪوڙ جي لڳا تا وتن
سچ جي ڪنهن کي چئو تہ ”شفيق“
رُنا پنهنجا پائر سڳا تا وتن

پروموشن جهڙا تهڙا وني ويا
نا اهل هئا پر بازي ڪٽي ويا
انڌو تو رستو ڏيکاري ”شفيق“
چو سچار چوڻ تان هٽي ويا

ماڻھن کي ماڻھو پلا ڪيئن بڻائجي
چئن چگن ۾ ادا ڪيئن ڳڻائجي
مڙني ڪان سادو "چنو" آ "شفيق"
وڏن جي وچ ۾ پاڻ ڪيئن وڻائجي

علم جو چئو تہ موالي لڳا تا وتن
چئو ڪم جو تہ سوالي لڳا تا وتن
تاريخ تن جي بيان ڪجي ڪيئن "شفيق"
سڪٽي ڪُني جيان خالي لڳا تا وتن

مان پي ايم اين اي ٿيندس
مال گھٽي کي رهڙو ڏيندس
اليڪشن هڪ بہ ڪٽي "شفيق"
پوءِ ويگو گاڏي جهاز تي ايندس

پائو ڊال تنهنجي تنظيم آهي
تڏهن تو کي پرواهہ ڪنهن جي ناهي
الائي تون چا چا لَهين ٿو "شفيق"
رهي دل تو کي سڀ جي آ چاهي

ٽريل ڦريل ماڻهو مفادي
ٻالهائي سدا بيسرو بادي
عدالت ملڪ ۾ ناهي ”شفيق“
اسان جي دل آهي يار سادي

مان ٻيي آهيان يار صحافي
چوڻ اٿئي اهو ئي ڪافي
”شفيق“ سان جي نهي نہ هلندي
ڪاٻہ نہ ملندئي يار ٻو معافي

رهي تنظيم ۾ گند ڪرين ٿو
نااهل عهديدار ڦند ڪرين ٿو
”شفيق“ شفقت ڪري ڇا ڪندين
اجايو سجايو انڌ ڪرين ٿو

پيارن پيارن دل وارن کي عيد مبارڪ
مٺ مائٺ پيارن يارن کي عيد مبارڪ
چوان ٿو دل جي گهراين سان ”شفيق“
ڏيهہ پر ڏيهہ سڄڻ سارن کي عيد مبارڪ

پيارن پيارن کي دل وارن کي
مٺ مائٽ ۽ پيارن يارن کي
چوان ٿو دل وارن کي ”شفيق“
عيد مبارڪ سڄڻ سارن کي

ٿائر مان هوا نڪري ويندئي
خبر نہ تِر جي يار ڪا پوندئي
”شفيق“ چپ نہ چوري سگهندي
ڏوڙ ۾ ڏڙ هي سارو نيندئي

جيءُ ڪيانءِ تہ ڪَسُ ڪهڙي ٿئي
حالت چو جهڙي تهڙي ٿئي
”شفيق“ وجي تہ ڪاڏي وجي
طبيعت نرم تہ اهڙي ٿئي

بزدل کي ناهيون ڪندا سلام
سچ جا ساٿي آهيون عام
نا اهل ڪجهہ پيي نہ ڄاڻي ٿو
تو سان مون ”شفيق“ جي ڪري ڪلام

منهنجي سوال جو تو وٽ جواب ناهي
عرض منهنجو پيو خراب ناهي
ڪنهن کي راضي ڪرڻ ”شفيق“
اهو ٻڌاءِ ته ثواب ناهي؟

ڪر محبت يا ڇڏي ڏي
يا سڄو حساب ڳڌي ڏي
”شفيق“ جي ڪوڙ سان لڳي نه ٿي
ڏي سڀ ڪجهه مون کي ڏس سڏيندي

ايچ ايس تي مهٽا ڏين ٿا
اڏر ڪيڊر پيو اهڙا تين ٿا
بادشاهن پيو سِرَ جُهڪايا ”شفيق“
ڏس هلي اسان سان ڪيئن ملن ٿا

رکي ياري وينو هان تو سان صنم
چو تو پلا ڏين مسڪين کي غم
ديدار ”شفيق“ کي يار ڪراءِ
تو کي منا ٿئي تنهنجو قسم

دلبر تنهنجي ديدار سوا
منهنجو جڙ ٿو نڪري دم
سَهَپَ "شفيق" ۾ ناهي جانان
ڇو ٿو ڪرين تون ايڏو سِتم

قدر تو وٽ منهنجو يار نه آ
لڳل تو ڪي منهنجي تار نه آ
اميدن تي دنيا ٻي آهي قائم "شفيق"
"چني" اڃان مڃي هار نه آ

هٺ نه ڪر تون هيڏو سائين
پاڻ کي الائي ڇا ٿو ڀائين
شفيق کي يار سڄاڻي
تون سگهيو آن نه اڄ تائين

رهي تنظيم ۾ ٿو پنهنجا ڪٽائين
غريبن جو ڪاٿي نه ٿو نانءُ ڳڻائين
پئسن تي پيو سيني کي ڪٽائين "شفيق"
انهيءَ ريت هر هنڌ پيو پاڻ کي وڃائين

ڏينهن ۾ ڏينهن خوبصورت آ
اڄ ڪتاب سهڻي جي مهورت آ
ڏاڍي مون کي ٿي خوشي آ ”شفيق“
جو اجان هِت اهڙن جي ضرورت آ

پروموشن تو لئہ ناهي
جيڪو نوٽ ڪارائي تنهن لئہ آهي
تون ”شفيق“ دانهن نہ ڪر
جنهن کي اسان جي دلڙي چاهي

پلي يار مون کي آفيسر بڻايو
روڪ نہ ڏيو تحفا پڄايو
خوش آمد ڏاڍي ڪندو ”شفيق“
پاڻ بہ کائو مون کي بہ کارايو

ووٽ ڏيو پوءِ منهنجو ڇا وڃي
ڪم ڪار چئہ تہ اصلي نہ مڃي
ڪري تہ ڇا ويچارو ”شفيق“
هاڻي سائين مال ناهيو آهي سُڃين

اسان جا ٽيڪجي ويا آهن عهديدار
درين ڪان بيهي ڪرائن ٽا ديدار
اليڪشن جڏ هتي ٿيندي آهي”شفيق“
چوندا ۾ ڳولهي ڪنيائون سڀ خريدار

اهڙا ڪنيا اٿن عهديدار
طبيعت ۾ آهن ننڍڙا ٻار
چا چوان تو کي ”شفيق“ يار
چوويهه ڪلاڪ آهن غدار

ڪيڏا آهن هي منافق ماڻهو
گڏ ويهي غلا ڪن ٽا فاسق ماڻهو
ڪچهري ڪر صالحن سان ”شفيق“
دنيا ۾ اٿئي ٿورا دل جا صاف ماڻهو

اسان جو پيارو آهي حُسين
بي سهارن جو سهارو آهي حُسين
فڪر چو ٿو ڪرين تون ”شفيق“
دامن ڏيندو ڪربلا وارو حُسين

چا بيان ڪيان صداقت حُسين جي
ڪربلا ۾ هئي عبادت حُسين جي
تون پيروي ڪر شهيدن جي ”شفيق“
ملي تو کي ويندي شفاعت حُسين جي

حسن جو پيغام آهي سهڻو ڪلام
تنهن ڪري سڄي دنيا ڪري ٿي سلام
انهيءَ پيغام کي تون اڳتي پهچاءِ ”شفيق“
آخرت کي سنوارڻ چاهين ته بڻج تن جو غلام

دابي سان وٺن پيا بيعت حُسين جي
مگر هئي اها نرم طبيعت حُسين جي
حق تي حق وارا ثابت رهن ٿا ”شفيق“
ثابت قدم رهو اها ئي هدايت حُسين جي

صحيح لئه گهرجي ٿي سفارش يا نوٽ
بنا پئسي ڏيندئي اصل ڪانه موٽ
”شفيق“ برداشت ڪندي ڪيئن ڏس
پلجي اهي تو کي متان ڏين چوٽ

رهي تنظيم ۾ ٿيو آهيان خفا
ڪونہ رهي آهي انهيءَ ۾ وفا
ڇا ڪندي ايترو حرص "شفيق"
انهيءَ ۾ رهيا آهن هڙئي بي وفا

مون ڏني تنظيم تان استعيفا
بي وفا ڪان ڪونہ ٿيندي وفا
ڇو ٿو لڇين تون ايترو "شفيق"
پنهنجي ٻاري تنظيم ڪر تون دفعا

محبت ڪيان پر عمر ناهي
ڪتاب ۾ لکيل ذڪر ناهي
مليل ڪا حد ڪانهي "شفيق"
اڳ پوءِ جو توکي ڪو فڪر ناهي

سڀ ڪجهہ ڪائي ويا آهن هي ڪوڙ
ڏس قدرت ڪيڏي جوڙي آهي جوڙ
نہ بچائي اٿن ڪا ڪاني ڪِلي "شفيق"
پوءِ بہ اجان تاڙيندا ٿا وتن ڳاڙها ٻوڙ

تنهن جي وئي ڪان پوءِ ٽيون آهن ڏکايون
وينو باسيان ٿو تنهن جي اچ جون سڪائون
پنهنجو قرب ڪري اچ اڱڻ تي ”شفيق“
تنهنجي انتظار ۾ پئجي نه وڃن ريڪائون

اچ سپ اچي يار ٿيا آهن ڪنا
سچ چئين ته لڳين پئي مٺا
قدر نه ٿا ڪن سچ چوڻ واري جو ”شفيق“
اڳواڻن جا هن ميمبرن ڏاڍا ڏک سَنا

دادو جو نه پر سڄي سنڌ جو شاعر هو استاد بخاري
سندس وڇوڙي تي ڏک ۾ آهي سنڌ سڄي سموري
”شفيق“ هر سال ورسي ملهائي وڃي ٿي دادو ۾
ڪن ڪي دعوت ملي ڪن جي اجان آهي دل ڏکاري

حيف اٿئي وڏيرا ڪيئي تذليل ووٽ جي
خبر ڪهڙي توکي ماروئڙن جي ڳوٺ جي
توکي هر دم ڪانگ آهي ڏالر ۽ نوٽ جي
تون ماڻهو نه آهين جڻ مِينهن موٽ جي

ڪيدر ڪيدر ڪر نہ تون
وڏي لالچ ۾ مر نہ تون
ڇو خفا ٿيو آهين ”شفيق“
شعر نہ لک هر هر تون

هي هڪ وڏو اختلاف آ
پر نہ ڪنهن جي خلاف آ
حق ڳهرڻ گناهہ نہ آهي ”شفيق“
اسان لاءِ رهيو در پيي آف آ

اڻ پڙهيل نہ پڙهيل هٿي ويا
بي عقل نہ عقل وارا ڪٿي ويا
اڪر نہ رهيو وڪر آهي ”شفيق“
بازي جانو جرمن ڪٿي ويا

واهہ جا آهن پاڳ تنهنجا وڏيرا
ساٿي تنهنجا آهن سڀ نندڙيرا
ڪائي ڪک پن بہ ويو آهين ”شفيق“
ڪرين ٿو روز روز بٿايون ديرا

انسانن جو ٻيو ڪردار ادا ڪندو انسان
حيوانن جو ٻيو ڪردار ادا ڪندو حيوان
لا شعور حيوان شعور وارو انسان ”شفيق“
ڪر سوچ ويچارچند ڏينهن جو آهين مهمان

تنهنجي محبت ۾ چريا ٿياسين
پر ملنگ مست مستانا ٿياسين
”خليفا“ تنهنجي ڪري زماني آڏو
چپ ڪري اسان ديوانا ٿياسين

سدا ناحق سنڌ سان پيو ٿيندو اچي يار
پاڪ ڌرتي پياريءَ تي ويرين ڪياهن وار
پائمال ڪري ناپاڪ وڏا ٻڌيا توڙي ٻار
”شفيق“ شهزورن جا وڏائون ڪري ڌڙ سسيءَ ڪان ڌار
ماري هوند هزار لوفرن وڏا لال تي

خوامخواهه دلڙي نہ ڦاس تنهنجو ڪهڙو ڪم
محبت ۾ ناراضگيون ڪٽي ڏک ۽ غم
جيسين هوندم دم هوندس ساڻ سڄڻ سان

پرين ڏسي پوئتي ڪندس حالي ڍنگ
پرچائي پرين مون کي جذهين ڪندو دنگ
رب لائيندو رنگ ته پلئه پوندس پرينءَ جي

محبوب پيار جي حساب ڪتاب ۾ صفا آهي وياجي
پيار جي قرض ۾ دل قرضي ڪري ويو آهي اسانجي
جان ڪيئن ڪيان آجي قرض لهي ئي نه ٿو "شفيق" تان

سنڌي ٻولي نه صاف ڳالهائي
آفيس ڪي ٿو اهو هلائي
اهلن کي آفيس مان ٿو پڄائي
پاڻ کي سيبتو صاف سڏائي
جنهن نه اڃ تائين سکيو سيکاريو
اهو "شفيق" ڪيئن ڪندو الائي

محبوب پيي ڪنيون وينا آهن هٿ ۾ پيڊ
مطالبو ڪن ٿا وڌايو خرچ جي بجيٽ
نه ٿي ملي سرخي نه ڪوڙي ڪاس ميٽ
چا ڪريون مهانگائي وڌي ٿي وئي آهي
يار "خليفا" هاڻي ڪيئن ٿيندو ڪم سيٽ

نااهل ڪي نڪُ ئي ڪونهي جو ٻڌي مَري
ٽرُو مان هرڪو بيزار چوندا تہ هتان ٽري
ڪم نہ ايندس تہ پڇي ويندو بهانو ڪري
اهڙي نااهل ڪان ”شفيق“ تون پڇي ٽي پري
دعا ڪريو اهل وري هن سُونهاري سنڌ ۾

پيار ۾ ڪاوڙجين ٿو تہ بس ڪئي
انتظار ۾ آزمائجين ٿو تہ بس ڪئي
”خلفيا“ بي وس بار انن ئيي چڏيان آهن

اسان جي ڪري مارجين ٿو تہ بس ڪئي
ٿوڪي چوانءِ ٿو روز روز نہ رو منا
مون پيار ۾ ڳوڙها وهندي ڏٺا
اسان تہ پيا هون ڪُنا تنهنجي محبت ۾

قرآن پڙهڻ سان يار شفا ملي ٿي پوي
قرائت ڪرڻ سان بيمار دل ٺري ٿي پوي
نماز پڙھ معراج ڏانهن واڳ وري ٿي پوي
هن دنيا ۾ جن قرآن سنت تي عمل ڪيو
”خليفا“ انهن جي دنيا آخرت ٺهي ٿي پوي

ايمان جي دعوىٰ وارو جي ايمان وڃائي ڇا ڇئجي؟
مسڪين جي حقن تي ڪوئي ڏاڙا جي هٽي ڇا ڇئجي؟
او عالم عاقل عادل هي فتوائون ڏجو سوچي يڪيون
”شفيق“ ڪي ڏسيو منڪر ٿي ماڻهو جو مارائي ڇا ڇئجي؟

قوم ٿي پئي ڪسي تون وَٺين ٿو پيو مُڇ
ڪيٽي بندر ڪان ڪشمور تائين آ لڇ
او پيرئو ميرئو ٿيو ڪجھ سجاڳ
جي ڪلھ آيا قابض اوهان ساڳيا ڇڇ

اتر توڙي لاڙ ۾ سنڌي سپ سجاڻ
سندن هر ڪردار ۾ آ ڪستوري خوشبو
جهڙي سندن سونهن آ تهڙي سورهيائي
دولهہ دريا خان ڏس هيمون ۾ هوشو

مون عرض ڪيم تہ نہ عرض ڪيئين
قربن جو ادا بہ نہ قرض ڪيئين
برھ ۾ باھ لڳائي پورو
فرقت جي سزا جو فرض ڪيئين

چون ٿا دل اُدّل رمضان جي روزي جي باري ۾
رکئون چا لاءِ روزا اَنُ گهٽو اجان آهي پاري ۾
اسان جو اَنُ ڪٿو جڏهين ته پوءِ بک ڪاٽبي يارو
اُهي هن جانور تڪيو ٿا ڪن رمضان ساري ۾

شاعرو دانشورو ٿورو ٻڌو غريب ڪي
ياد ٿو ڪريان پيو انسان هڪ عجيب ڪي
ڳوڙها ڳڙي پيا شهيد جو ٻڌي هي حادثو
اڄ خراج ڏيڻ آيا آهيو اديب ڪي

جي اڪرين ۾ ٿا مٿا وجهن
سي مُهرين ڪان پيي ڪين ڏڄن
جي سر تي مصيبت پوڳين ٿا
ٻيا اهڙا بلال شال چمن

ڏک ٻه تنهنجا سک تون وري نه مار
صدقي ڪريان سرڙو تو تان مان سؤ بار
اهڙا نه ڏي تون ڏک شافي ”شفيق“ ڪي
پنهنجو سڳورو روضو هڪ وار تون ڏيکار

چڏي ويا پرين جي پرديس تي
پلي سانگا سايا وڏا الڳ ٿيا
هنئين سين رهيا ويندڙ سانگي واٽ جا

نہ ڪو دوست دلبر نہ ڪو آ حامي
آصف لاءِ اداس دل آهي ايامي
وَسائي سامي ويو تنها ڪري تات کي

پرين ويا پرديس روئاري راحت ڪسي
مٿائي ويا ويس پَسون ڪنهن پرينءَ کي
روئندو چڏي ويو اڪيلو آصف
آهيان اڻ واقف سڄڻ ريءَ هن سنڌ ۾

حيات آهي هن کي نہ ٿو موت ماري
جو خود موت تي ٿيو حاوي بخاري
سڄي قوم کي جوت جذبن جي يارو
ويو ٻاري سينن ۾ آوي بخاري

روئندو چڏي سنڌ کي ويڙو بخاري
دل آ ڏڪاري سنڌوءَ جي گڏ سنڌ سان

پڙهي اخبار اڄ رنم زارو زار
وڇڙي ويو اسان کان محب منو منٺار
استاد جي موت تي ٿي سنڌ سوڳوار
”شفيق“ ڏئي اوچنگار هر ڪنهن آ روئي ڏنو

راز راز آهي سهڻا
پوءِ ڏئين متان مهڻا
چا ڪري ”شفيق چنا“
دنيا جا مِهڻا پون ٿا سهڻا

عجب رنگ نرالا هن دنيا ۾ ڏس
ناهي انسان جو ڪو هتڙي وس
اجايو اتامڙو تو ٿين ”شفيق“
ڪونهي ڪَس ڪريم ڪرم ڪيو

پرين ڏانهن ڪري ويس پنڌ
جهڪائي آڌو ڏنو مانس ڪنڌ
حال ڏاڍا هيٺا اٿئي ”شفيق“ جا
هيو انڌ پر مالڪ ڪرم ڪيو

جهيڙي ۾ ڇا رکيو آ سڀ ڪجھ آ پيار
گھڻو حرص ڪري غريبن جو تون حق نہ مار
هي بہ مون وٽ هو بہ مون وٽ هجي ”شفيق“ يار
آخرت جو فڪر ڪر جتي توري وٺندي تار

محبوب ڪتاب ڏنو تحفي ۾ پائي ياڪر پري
مليو آهہ محبوب وٽان نھہ پهہ دل آ ٺري
پاڙي ڏيپر پنهنجا ڏسيا واعدا يار وري
”شفيق“ جي نہ سَري سوا هن سوڪڙي جي

ڪنهن کي بہ خبر ڪونهي تہ ڇا ٿي رهيو آ
ڪو ڪنهن جو تہ ڪو ڪنهن جو رَتُ پي رهيو آ
ڪو ڪنهن جي لاءِ دنيا ۾ جي رهيو آهي
اسين بي شڪر آهيون پر رزق اڻ ميو آ

هر ڪو چاهي ٿو مان ٿيان اڳواڻ
هر جاءِ اچي ٿو پهچي پنهنجو پاڻ
”شفيق“ نہ ٿو هو ڪڏي ڪنهن جي ڪاڻ
پهرين ڪُٺائي پاڻ پو لهي سار سنگت جي

پيار جا جذبا ٿيا ڪنا سي ڪيا تو ڪنا
ڏک ۽ تنهنجا سک رازداري راز سنا
اڱڻ دل جي تي زخم مون ڏنا
مِنا يا مَنا ڪٽي مون اکڙين تي رکيا

چا چا ڏسيان اي دوستو محبت ۾ ڪرڻو ٿو پوي
رنج غم درد بس سُور سَهڻو ٿو پوي
هر گهڙي هر هر نئون هر سُور سَهڻو ٿو پوي

تون پيار ڏين اسين نہ وٺون ايڏا ٿرڙا پِي ناهيون
اها خوش نصيبي اسان جي ايڏا ڊرڙا پِي ناهيون
اهو چا پيو چئين ۽ چا پيو ڪرين ”شفيق“
ٻئي سان ڏسون تو ڪي يار ايڏا ننڍڙا پِي ناهيون

اگر جي يار آهين محبتي صنم
نہ ڏي مون مسڪين ڪي يار غم
ديدار تنهنجي لئہ پوڙهو ٿي ويو هان
”شفيق“ سان وفا نہ نهندي همدم

نہ ٿو ديدار ڪرائي يار صنم
ڪائي ويو آ جدائيءَ جو غم
ڏينهن رات رهان ٿو "شفيق"
هڻي نعرو هڪدم ديدار ڪراء صنم

تو وٽ مسڪين جو قدر ڪونهي
تو سمجهيو اسان وٽ فڪر ڪونهي
هڪ دفعو ملي يار "شفيق" ڏس
تنهن جي انتظار ۾ اسان جو اندر ڪونهي

هٺ نہ ڪر هٺيلا سائين
نانگ تہ ناهيون زهريلا سائين
"شفيق" جي هڪ ادا آهي غلام بڻايو
شهر ۾ ٻيا بہ ڪوٺ سريلا سائين

پهريان ها ۾ ها تو ڪئي
هاڻي ڪرين تون ڇو ٿو ڦڏو
لنوائين "شفيق" ڪان ڇو ٿو پلا
عرض منهنجو ناهي يار وڏو

تنهنجي ڦوڪٽي مان هوا نڪري ويئي
ڇا دل سفا سڪٽي ٿي ويئي
جواب نہ ٿو ڏين تون "شفيق"
جسم تنهنجي ۾ ڏڪٽي اچي ويئي

پيار ڪيان توسان ڏس ڪَس ڪهڙي ٿئي
يار دل منهنجي تہ جهڙي تهڙي ٿئي
ها ڪر يا نہ ڪر ڪو فرق نہ پوندو "شفيق"
محبت تہ ماڪي مصري جهڙي ٿئي

بزدل ڪي ڪندو ناهيان مان سلام
ڪريان ڪين ٿو ڪُتي سان ڪلام
محبوبن جي مرڪ اڳيان ڪنل آ "شفيق"
چنو الفت وارن جو غلام رهيو سدائين راهہ ۾

منهنجي سوال جو ڇو تو وٽ جواب ناهي
اڪيون ڪولي ڏس هي ڪو اڌورو خواب ناهي
عشق اڳيان عازرت آهي "شفيق چنو" پيي
مسڪين جو ٻار آ ڪو هو نواب ناهي

ڪر محبت سچي يا بلڪل ڇڏي ڏي
پر ۾ ويهاري محبت مون ڪي سڏي ڏي
ڪوڙن سان پنهنجي لڳي ئي ڪونہ ”شفيق“
محبت جو حساب بنا حساب گڏي ڏي

ناهي ضرورت رشوت خورن جي
هيءَ سنڌ آ محنت ڪش مزدورن جي
جو علم پرائي عزت وڌائي ٿو ”شفيق“
آهي اهڙن درويشن عالم سڀڱورن جي

فيبروري ٻہ هزار ارڙهن بروز آچر غريبن جو ڪاڄ
ڪوڙ خوشيون ماڻيندا غريب اڄ آهي اهڙو واڄ
عبادت آهي انسانيت جي خدمت چوي ”شفيق“
ماروئڙن ڪي مرڪون هونديون ڏسندو سارو راڄ

ويلفيئر طرفان مسڪينن جو ڪرائبو ڪاڄ
گهوٽ ونيءَ ڪي وٺي ڏنو وس آهر تہ ڏاج
هرڪو ايئن ڪندو جي رهي ”شفيق چنا“
سڌري پوندو منهنجو هي سارو سماج

دنيا جي دستور کي سمجھڻ ڏکيو آ
حق تي هلندڙ سورن ۾، ظالم تہ سکيو آ
سڀ ڪجھ حلال ۾ ملندو، حرام ۾ رکيو ڇاهي؟
موت کان اڳ مرندو جنهن اهو زهر چکيو آ

آ منهن تنهنجو چنڊ پيارا
اکيون اٿئي ٻئي تہ ستارا
”شفيق“ ڪري بيان ڪيئن اهو
ڪرين ڇو ٿو مون کان ڪنارا

توکي خبر ناهي پيارا محبت جي
ڪيئن ڪبي آ عشق عبادت جي
ڇو ٿو ڪرين وقت برباد تون ”شفيق“
ڪر وينو تون عبادت انسانيت جي

تون ڇوين مان نہ مڃان
اهو وقت آيو ناهي اڃان
هي سر تہ هڪڙو آ ”شفيق“
سو سر بہ توتان گھوري وڃان

ڪا وڏي ڳالهه تون ناهين
هڪ معمولي شاعر آهين
دل جو بار لکي ٿو ”شفيق“
درد تي ٿئي ٿو دانهين

عجب رنگ دنيا جو عجب آهي گس
هلي نہ ٿو انسان جو اتي واقعي وس
اجايو هرويرو اتامرو ٿين ٿو ”شفيق“
پلائي ڪندو رهہ لڳندئي ڪونہ ڪَس

هيڏو پرينءَ ڏانهن ڪري ويس پنڌ
جهڪائي جانب اڳيان نوائي رکيم ڪنڌ
آءٌ تہ آهيان ”شفيق“ پرين پيرن پٽي
اکين تي پرينءَ جو مون مُرڪي رکيو هنڌ

جهيڙي ۾ رکيو چاهي پيار ۾ سڀ ڪجهہ آهي
ڪائي غريبن جو حق تون ايئن نہ هيڏو مار
شفقت سان سدائين ساراهہ جوڳو رهہ تو ”شفيق“
ڪري خوف خدائي ڏيان اهڙو ڪو دل ۾ ڌار

زندگيءَ ۾ پاڻ پتوڙي ماڻِ پورو تون حق
غور ڪرين نہ ٿو غريبن ڏي هٽي ونين ٿو ڏڪ
روزگار لاءِ واجهائيندا رهن ٿا هو ”شفيق چنا“
ڪم ڪر اهڙو جنهن ۾ رهي نہ ڪنهن کي ڪو شڪ

ٿي وئي رشوت جي بازار گرم
نہ رهيو دنيا ۾ حياءُ ڪو شرم
جائز ڪم لاءِ پئسہ ڏجن ”شفيق“
الله ڪري شل هن قوم تي ڪرم

منهنجي تنظيم جو نالو آهي ماڻهن کي ڏيو ڏٿا
سيني ميمبرن کي اطلاع ٿو ڪجي ٿيو ڪٿا
ڪم پنهنجو پاڻ ڪجو مون تي نہ ڀاڙجو ”شفيق“
مان ڀي يار هٽندو وتان ٿو جانا ڏاڍا مٿا

پاڻ پتوڙڻو تو پوي وڻڻ لئہ حق
درخواست انٽرويو يا هٽين ڪو ڏڪ
روزگار جي انتظار ۾ عمر گذري ”شفيق“
هاڻي حق وڻڻ لئہ هنن جو پڪڙبو نڪ

تنظيم ناهي ڪيان وينو ٿو مٿا سٿا
ڪم ڪونہ ڪندس ڏيندس سڪٺا ڏٿا
”شفيق“ تون ڇا ڪندي اڪيلو جو آهين
پريا ڪين ڪي ڪنيون وتن ٿا وڏا وٿا

محبوبن جي ٻَڌيءَ ۾ ڏسو
لڳي عاشقن کي پريشاني آ
لوڊشيڊنگ ڏسي ڪئي شيطاني آ
عمر ادب ۾ گذري وئي آ ”شفيق“
ڪئي گرڊ وارن پيي بي ايماني آ

محترم شفيق چنا صاحب لاءِ دعا جا گل

ڪم خير خواهي وارا تحفا خدا ڏنا ٿئي
خلق خدا جي خدمت وارا وڏا ٻنا ٿئي
آباد رهہ سدائين سائين شفيق صاحب
هر ڪنهن جي بس زبان تي هر دم دعا چنا ٿئي

عاجز سرگاٽي

10سيپٽمبر 2017

تاريخ جي ورقن ۾ امر ٿيڻ ٿو چاهين
ڪتابن ۾ پنهنجا نشان ڇڏڻ ٿو چاهين
"شفيق" سچي محبت ڪرڻ ٿو چاهين
ڏار ٿي زماني ڪان ڪري بيڪار ڇڏي ٿو

عشق ۾ سٽيل ۽ مُنهن جا مَٽيل
دلين جا پٽيل ۽ نِيَتُن جا کُٽل
"خليفا" ڪڏهن بہ برابر نہ ٿيندا
ڇو تہ اهي آهن ازل ڪان اٽڪيل

يار بي دردي سان ائين نہ مارِ تون
جدائيءَ جي باهہ ۾ نہ گهڻو ساڙِ تون
"خليفا" روز انگلن سان ناز نخرا ٿيندا
همٿ نہ هارِ منزل ٿوري آ پوءِ پار تون

تو بنا منهنجي نہ ٿي سري احساس تہ ڪر
دل ديدار بنا پئي ٿي سڙي احساس تہ ڪر
اهڙي ڪئي آ تو بئي ڪي جرئت نہ ٿيندي
"خليفو" روز روز تو لئي مري احساس تہ ڪر

جيڪو ماڻهن جي چوڻ تي هلي ماڻهو چئبو؟
فيصلو پنهنجو پاڻ نہ ڪرڻ اچي ماڻهو چئبو؟
خليفا زمانو آ هر ڪو پنهنجون ڳالهيون ڪندو
ٻُڌي سُڌي ڳالهين تي بيٺو نچي ماڻهون چئبو؟

دنيا آخرت سنوارڻ چاهين ٿو تہ ٿيءُ علم خليل
استاد منزل تي پهچائيندڙ رستو آ پڪو اٿئي دليل
چاهين ٿو تہ ٻچا پڙهن تہ قوم جا ٻچا پڙهاءِ ”شفيق“
پوءِ تون معاشري جو آهين ضامن ۽ بهتر وڪيل

ميار نہ ڏجو اسان نہ ٻُڌي عيد مبارڪ
دوستو وڏي واقعي چئي عيد مبارڪ
”خليفا“ اسين سڀ تنهنجا شاهد آهيون
متان ميار ملي تو نہ چئي عيد مبارڪ

دل ٿي چوي دلربا تنهنجو ديدار ڪريان
چو پاڻ ڪي پرين پري رکي لاچار ڪريان
”خليفا“ گڏجي زندگي گذاريون تون ۽ مان
روز روز پيو ٿو تنهنجو انتظار ڪريان

نيٺ عاشق دلبر جي اسپتال ۾ پهتو
يار هيو پيار جو بيمار پر بيحال پهتو
”خليفا“ تڪي قوتي اصلي اثر ڏيکاريو
خوش ٿي ويو جڏ يار پڇڻ حال پهتو

ڳالھ ڪر دردن جي دوا آهين
يا ٿيو مون ڪان پي خفا آهين
”خليفي“ ڪي ڪولي ٻڌاءِ سڄڻ
وفادار آهين يا بي وفا آهين

ادِي ڪي جَنُ نہ ڪَنُ ادَي ڪي عشق انڌو ڪيو
سوال ۾ ميناج هيو پر جواب جو انداز نہ هيو
”خليفا“ دل جا راز نہ ٻڌاءِ بي خبر بي قدرن ڪي
هميشہ پيار وارن سان جيڪو پي ٿيو سو خوب ٿيو

پلائي جي طرف ڪير پي وري نہ ٿو
آس جي آفيس ۾ ڪو سخي لڙي نہ ٿو
غريبن جي مدد ۾ ساٿ ڏيو ”شفيق“ جو
صحت تعليم ۾ ڪير پي مدد ڪري نہ ٿو

قرب ڪيان آهن ڪروڙ قربدار
اهي ٻجهارتون پڇن سمجهدار
”خليفا“ نِينهن جا نياپا نيائڻ وارن
لئہ هوندا آهن قانون فوجدار

علم واري ڳالھ ڪر تہ سڀ ڪو ڪاوڙجي وڃي ٿو
برائيءَ واري ڳالھ ڪر تہ سڀ ڪو ويڙهجي اچي ٿو
خليفا ڪهڙو واءُ لڳي ويو آهي يار هن زماني ۾ پيي
علم وارو نہ برائيءَ واري ڪي سڀ ڪو ياڪر پائي ٿو

يار منهنجي پيار جو پيي شاهد تون آن
۽ منهنجي انتظار جو پيي شاهد تون آن
اجان ڪهڙو ثبوت ڏيان توکي ”شفيق“
انڪار جو اقرار جو پيي شاهد تون آن

يار تو بن ٿي ويا اڪيلا آهيون
تو سوا هتڙي ڪجھ بہ ناهيون
ملي وڃين راھ ويندي ”شفيق“ تون
گڏجي پنهنجي زندگي ناهيون

گهر ناهي پيي عورت تہ گهر ڊاهي پيي عورت
هر ڪو ٿو چاهي مونکي پيي ملي سهڻي مورت
پلي ڏلي جي چونڊ نہ ڪر سپ سُنيون "شفيق"
سگهڙ زال ڪانسواءِ گهر ۾ ناهي سهڻي صورت

اي دوست نہ سمجهہ تون منافقت کي پنهنجي عبادت
ماڻهن تائين ڳالهہ پهچائڻ سمجهي ٿو تون سعادت
عالم چون ٿا گلا ڪرڻ مئل ڀاءُ جو گوشت ڪائڻ آهي
چوي "شفيق چنو" پاڻ مان ڪڍي ڇڏ اها بري عادت

پرين پري ڪان آياسين مَن تو سان بات ٿي وجي
ڪوشش ڏاڍي ڪئي سين تہ مَن رات ٿي وجي
تنهنجي انتظار ۾ ٻہ.هزار ويهہ پيي گذري ويو "شفيق"
هاڻي تہ سهڻا ٻہ هزار ايڪيهن ۾ ملاقات ٿي وجي

ايمانداريءَ جي دعويٰ ليڊر ڪن ٿا سنڌ ۾ تمام گھڻا
مسئلن جي حل ڪرڻ لئہ هٽڻان پون ٿا پوءِ بہ ڊرڻا
اڄ بہ غريب جو ٻار ماني ڳيي لئہ تڙپي پيو ”شفيق“
پر اميرن جي ڪتن پيي ڪاڏا بادامين جا مغز ۽ داڻا

هن افراتفري دور جي هيڏي عذاب ۾
پوءِ پيي رهي ٿي قوم پراڻي حساب ۾
هڪ اغوا ٻيو قتل ڏسي دل پئي ڏکي
آخر قلم لکي تہ لکي ڇا جواب ۾

ڪيٽي ڪان سنڌ منهنجي ڪشمور تائين گھر
بچڙي نظر نہ ڪر متان دوڏا ڪدي وجهانءِ
ڪينجهر تي ڄام نوري اڄان پيا حڪومت ڪن
نہ پٽ جي پونءِ تڪ متان گوڏا پيجي وجهانءِ

سَوَ سور سهي پئي ٿي ۽ قوم ڪُسي پئي ٿِي
تہ بہ مڙسن جي مڙسي هت ڳاٽ ڪٽي پئي ٿِي
مخدوم بلال ڏي دودي ڏي ۽ هوشو ڏي
آزادي اڃان سوڏو هر روز ڏسي پئي ٿِي

ڀلي يار مونکي آفيسر بڻايو
روڪ نہ ڏيو تحفا پڄايو
خوش آمد ڏاڍي ڪندو ”شفيق“
مال کائو مونکي بہ کارايو

ڏمڪي نہ ڏي پيار ۾ ڀي رعايت نہ ٿيندي
ڪاوڙ ۽ ڪُرڪَڻ سان ڀي عبادت نہ ٿيندي
ڏک سک ۾ ڀي ساٿ ڏيڻ چاهين ٿو تہ ”شفيق“
ڪيل واعدو نِڀاءِ نہ تہ پوءِ ملاقات نہ ٿيندي

سُورهيه ٻچا سنڌ جا

سُورهيہ ٻچا سنڌ جا
ڪندا تنهنجي ياڙي مٿي ڪُوڙَ
سُورهيہ ٻچا سنڌ جا

سنڌ اسان جي آهي غير جو ڇا هو
تو ڪي ياڙيا پرائيندا هو ڊوڙ
سُورهيہ ٻچا سنڌ جا

اٿي سنڌ جا پوندئي هاڻي
مزدور هاري ڪنڌار ڪروڙ
سُورهيہ ٻچا سنڌ جا

هارين نارين ۾ ”شفيق“ جو ساھہ آ
منهنجي پُونءِ جا سڀ پلوڙ
سُورهيہ ٻچا سنڌ جا

چا□ئه راهون ڌار، اڇ ته وندبون پيار

ديسيءَ تي پرديسي جي نظرن جا ٿيا وار
اڇ تہ وندبيون پيار
عشق ۾ دل سمجهي نہ ڪا جيت ۽ هار
اڇ تہ وندبيون پيار
جدائي جيءَ ۾ وجهي ڇڏيا ڌار هزار
اڇ تہ وندبيون پيار
دل هڪڙي پر درد جا وڪ ٿيا وسڪار
اڇ تہ وندبيون پيار
ويهاريو آ واٽ تي سُونهن سندي هٻڪار
اڇ تہ وندبيون پيار
توکي دل ڳولهي پئي ”شفيق“ جي لهہ سار
اڇ تہ وندبيون پيار

ڪوڙ نه ڪبو ڪَچُ

سچ چوان تہ ڪافر ٿيان
ڪوڙ نہ ڪَبو ڪَچُ

شاهد بيهندئي سامهون
سُور سٽائيندي سَچ

لانگهو ليندئي ڪونہ ڪو
اُتي رڙندي ڳچ

گهلي هٽندئي ڪڏ ۾
جتي پيئڙ مَچُ

بندا بانور ڪِين ڪر
دوزخ ۾ نہ اچ

الاهي تون ”شفيق“ سان
رکي پريت پَرچُ

آزاد نظم

ڪارا ڪڪر وچ
جيئڙو ٿو ٻولي
وجي وَس اتي
نوني جوءِ جتي
مارن جا
جهوپا ڇنا سر
پسائي اڇ ڪڪر
مُنهن جن جا پيلڙا
ڏُنڌلي جن جي ديد
ڪاٽي آ عيد
اوڙا پاڙا
انگ اگهاڙا

شل پَهرِن پَٽ
پري اچ ڪي ڏَت
وجو ڪڪر ٽر
جتي نجو بر
پريو پُونءِ
خوش ٿئي لُونءِ
خوشيون خوب ڦٽن
ماروئڙا ڪي مُرڪن
سکيا ٿين سنگهار
ڪريو مينگهه ملهار
ڪارا ڪڪر وچ
جيئڙو ٿو ٻولي

ڪجهه شاعري مرتب جي...

نياڻيءَ جي فرياد

اعجاز علي سوڍر”انمول“

منهنجو هِت جمڻ پيو سورن ۾،
منهنجو هِت مرڻ پيو سُورن ۾،
مون هِت جيڪي ڪيو ڪمايو،
منهنجو پيدا ٿيڻ پيو سُورن ۾،
مان نِدوري نِهوڙيندي ٿِي رهان،
منهنجو ڏرتي هلڻ پيو سُورن ۾،
مان ماروئڙن جي هان موهِيَل،
منهنجو ڪِٿي ملڻ پيو سُورن ۾،
مون اڃيءَ کي ڪارِي ڪيو ويو،
منهنجو ٿيو جيئڻ پيو سُورن ۾،
سدا ڏک ئي منهنجو ڏيج رهيو،
منهنجو اڪيلو رهڻ پيو سُورن ۾،
بابل کي آ بيشڪ بانور مون تي،
منهنجو بيوس بَچڻ پيو سُورن ۾،

منهنجو ڪَنڌ سدائين ڪاتيءَ هيٺ،
منهنجو ڪجهه ڪَرڻ پيو سُورن ۾،
سُکَ لئي مان چو سِڪندي آهيان،
منهنجو ڪوڪلو ڪِلڻ پيو سُورن ۾،
پائرن مٿان ڄِند جان گهورِي مون،
منهنجو ڪجهه چَوڻ پيو سُورن ۾،
مون سياڳي ايئن اياڳي سَڏيس،
منهنجو ٿيو وَرڻ پيو سُورن ۾،
امڙ جي لولي روح رَسي آ،
منهنجو پَرم پَرڻ پيو سُورن ۾،
جان گهورڻ منهنجو شيوا رهيو،
منهنجو پاڻ پَلڻ پيو سُورن ۾،
انمول اڙانگو سفر اٿئي ادا،
منهنجو قبر پَوڻ پيو سُورن ۾.

اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ

اعجاز علي سوڍر”انمول“

ابو پنهنجي پوري عمر گذارَي ٿواُنهن ۾
امڙ روئندي رهي در در دانهُن ۾
منهجو محافظ بڻيو منهنجو مارو آهي
دشمن صرف ڪو ڏاريو ناهي
ناڻي تي جهڙي تهڙي اگهاڻي آ
اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ
منهنجي ڀيڻ ڀائرن جا ظلم سَهي اندر آڙي
منهنجو ڀاءُ ٿو هر وقت رت جا ڳوڙها ڳاڙي
پٽ امڙ جو ٿو اندر ساڙي
ڪو نه ٿو ڪو جنم ونڻ جو حق پاڙي
ابو اولاد هوندي لاوارث لاش بڻيو
وڏو واعظي وتي ايمان فروش بڻيو
منهنجو ڳيرو ڳترا ڳترا ٿيو
بي ڏوهي جو رت جَجهو آ وهيو
سِڪي منهنجي قوم جنهن جو رب ساڻي آ
اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ

هتي پئسن تي ايمان وڪاڻو
اندر جو انسان وڪاڻو
وڏو واتر وڏو ڏاهو
سنڌ منهنجي سُڪي سَلو سُڪي مَسَ ٿئي سائو
منهنجو نمائندو منهنجي ڌرتي ڪپائيندو وجي
راڪاس سڀ ڪجهه ڳڙڪايون وجي
چاپلوسي هلي ٿي چڱي خاشي
هر آفيس جو صاحب سڄي عملي سميت راشي
ڇا جي پُڇي ڇا جي ماسي
ڏوهي آزاد بي ڏوهي ڦاسي
منهنجي هر اک آلي رهي
ساهو غريب ڪي ٿو ڪين سَهي
منهنجي سنڌ سموري رت هاڻي آ
اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ
لالچي لوڀي گهڻا ٿي ويا
رت جا رشتا بہ ڪَٽا ڪَٽا ٿي ويا
هِت ياءُ ياءُ جو ويري ٻڻيو
زميندار هاريءَ جو وجي اَلهہ تَلهہ ڪٽيَو
جڏهن ڪان هوءَ جائي
سا سورن منجهہ سامائي
روئندي عمر گهاري ويندي
وڏي ٿي بي ڏوهي ڪَئي ڪاري ويندي

ابي جي سُڏڪندي عمر ساري ويندي
جيڪا ڪُڇندي اها ماري ويندي
پيڻ لاءِ بڻيو پاءُ پاري
هن جي صدمن ۾ پيڻ پنهنجي عمر گهاري
صدما سَهي سَهي ٿي ساٽي آ
اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ
اسان جي تعليم تباهه ٿي
غريب ويو بي ساهه ٿي
سياست پئي جڏهن ڪان ڪاهي آهي
تڏهن ڪان سنڌ منهنجيءَ ۾ تعليم رهي ناهي
پوتارن جا پيا منجهس هٿ ٺاهي پاهي
ڪنهن ڪي بہ ان جي ڪا پرواهه ناهي
منهنجو نسل اڻ پڙهيو رهيو
معاشري ۾ پوءِ ڏوهه وڌندو رهيو
تعليم جي تباهي ۾ سڀ برابر جا حصيدار آهيون
چاهي استاد چاهي شاگرد چاهي آفيسر چاهي والدين آهيون
تعليم ٿي وئي گويا ختم هاڻي
ڪير بہ سيريَس ٿي ڏيان نہ ٿو آڻي
قوم سموري ٿي سورن هاڻِي آ
اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ
منهنجو هر محافظ ظلم جو ساٿي آهي
ايمان وڪاڻو پوءِ بہ ڪا خامي ناهي

ايندڙ نسل ۾ تباهي پوندي ڪاهي
ڇا جي غيرت ڇا جي عزت سيکو پيو پنهنجي جانِ لڪائي
بس بزدليءَ ۾ زندگي گذاري سيکو
منهنجو ڇا پاڻ ڄاڻي واري سوچ ٿو رکي سيکو
ٻِرهہ جي باهہ ۾ دل ٿي ڇاڻي آ
اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ
هر آفيس جو ڪاروهنوار رشوت
هر ڪو چاهي حرام جي دولت
حقدار جو حق ڪاڄي وڃي
پوءِ پِي پلؤ ڪجهہ نہ پوندو سُنجي
انصاف ٿو پئسي عيوض خريد ڪرڻو پوي
پئسي بدلي هر ڪم ٿئي سيکو ايئن ٿو چوي
منهنجو جوان ڊگري هٿ ۾ ڪڻي رُلندو رهي
هر دفعي مايوسي ٿو سَهي
پئسن تي نوڪريون ڪپائي ڇڏين
چالان جي بَهائي ڪروڙين روپيہ ڪمائي وٺِين
فارملٽي خاطر ٿا امتحان وٺن
غريب سٺي مُستقبل جا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏِيَن
هر دل ۾ آهہ و فگان آهي
هر دل اميد ۽ آسري ۾ آهي
منهنجي قوم جي نہ ڪا گهر ڏياڻي آ

اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ
هر ظالم خود مظلوم بڻجي پوي
جڏ پاڻ مٿان هو ظلم سهي
احساسن ڪان اڪثر دليون خالي ٿي ويون
بي روزگاريون وڌيون بد حاليون ٿي ويون
عزتدار ڪي بي عزتو ڪرڻ هڪ فَن سمجهيو ويو
بي حيائيءَ ڪي لبرلزم سمجهيو ويو
جِدت جي جُنون ۾ غيرت جو سودو ڪري
پيءُ نچندي ڏسي ڌيءُ خوشي ڪري
بواءِ فرينڊ گرل فرينڊ فيشن بڻيو
ابوجهه عوام ڪي ٺڳڻ جو سيشن بڻيو
بزنس جي نالي ڌوڪو فريب آهي
جيڪو وڌ ڦري اهو ڪامياب آهي
جيڪو ڏاڍو سو ڳابو هتي جو دستور رهي
هر ڪنهن جي دل ۾ ٿو اهو سور رهي
ائين ئي آ جڻ نہ گهر ڌياڻي آ
اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ
منهنجي مُلڪ کي هر هڪ لُٽڻ لاءِ آتو آهي
پراوَن سان گڏ ڌاڙي ۾ پنهنجو سڃاتو آهي
هَيڪوڙِ جي بِيڻ وٺي
خالص جي بدلي خام مال ڪپائي وٺي
هر هڪ شيءِ ۾ ملاوٽ هتان جو اهڃاڻ لڳي

هر هڪ پڙهيو لکيو ٿو اڻ ڄاڻ لڳي
اهڙي حالت ۾ رهي ڪابہ دل نہ سياڻي آ
اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ
راشي رشوت عيوض ايمان وڪاڻي ٿو
قانون جو رکوالو بي ڏوهي هٽي ٽاڻي ٿو
بابَو ٿو سربازار رُسوا ٿئي
امڙ در در تي ٿي دانهين ٿئي
ڀينرن جون پوتيون لهن
نماڻيون وينيون ٿيون سُور سَهن
هر هنڌ پئسي ورتو زور آهي
ڏاڍي جو هر هنڌ لڳو پيو شور آهي
حلال جي پرواهہ بنا دولت هر ڪنهن پاڻ ڏي لاٽي آ
اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ
سنڌ منهنجي کي سدائين سورن ۾ رکيو
پراون کي ڇڏيو پر پنهنجن بہ جهوري وِڌو
غربت اڳي ئي گهَرُ ڪري ويني
دولت اميرن جي گولي ٻڻجي ويني
تعليم تہ وَيَڙِي ڪڏهوڪو ڇڏي
امن، حياء شرم بہ ويا هاٽي لڏي
ڏاريو ٿو هتان جي ايمان فروشن کي عالمن سان گڏي
لکين وينا منهنجي سنڌ ۾ پنهنجا خيما اَڏي
سنڌ سيني کي ٿي مال غنيمت جو لڳي

ڏارين سان گڏجي لُٽيو پنهنجي سڀڱي
منهنجي سنڌ امڙ تي ڏئي دولت ۽ ڏن جَجهو
پوءِ بہ نہ آهي اَٽو، لَٽو ۽ اَجهو
جيئن بگهڙ جي نظر ڪا هرڻي تي پَوي
سنڌ کي ڪائي ونو ٿو لوپي چوي
هتي بجلي، گئس نہ ڪو پاڻي آ
اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ
ايوانن ۾ سودو عوام جي آرزوئن جو ٿيندو رهي
ڏاهو بہ خاموش ٿي سڀ ڪجهہ ڏسندو رهي
ڏسو هي عالم جي ويس ۾ اياڻو آيو
عوام کي گمراهہ ڪري ڪٽي ڪوڙ ناٽو آيو
آزادي ملي جا انمول آهي
پر سوڍر بڻي بي ڊول آهي
سچ چوندؤ ماريا ويندؤ
پنهنجي ديس ۾ رهي ٿي ڌاريا ويندؤ
اهائي منهنجي نسلن جي پڄاڻي آ
اها ئي منهنجي رام ڪهاڻي آ

ڏسان ٿو

اعجاز علي سوڍر”انمول“

پٽ پيءُ سان وڙهڻ لاءِ هر وقت تيار ڏسان ٿو
ماءُ کي ماريندو رهي ۽ ڪائيندو خار ڏسان ٿو
پاڻ سڏائي خان سيني تي سَونو هار ڏسان ٿو
پوڙهو پيءُ روئي، امڙ جي اکين ۾ نار ڏسان ٿو
سارو ڏينهن تڪيندا وتن نياڻي پرائي نِدورا
سندن پينرن جا پڻ الڳ الڳ يار ڏسان ٿو
مٿي اگهاڙي امڙ روڊن تي رُلي انصاف لئہ هتي
پيڻ ڪندي رهي در در دانهون ڏار ڏسان ٿو
ڪنهن جو کُهي ڪالهہ ڪُونڌر ويا هِن
ڪنهن جو نياڳو ندورو اکين جو نار ڏسان ٿو
انصاف وڪاڻو هِت آ پئسن تي پَتِ ڪريو
چند پئسن عيوض ٿيل چادر تار تار ڏسان ٿو
مظلوم جي ڇو ڪو ٻُڌي ئي ڪين ٿو پيو
ظالم جو هر هنڌ وچايل وڏو ڄار ڏسان ٿو
ياءُ ياءَ جو ٻڄي ويري ڪائي ملڪيت ويو ساري
ابي امڙ جي دل اندر ٿيندي تير پار ڏسان ٿو
پيڻ ڪري قربان سڀ ڪجهہ ياءُ مٿان ٿي
ڪاري ڇٽي ڪاوڙ ۾ ڪنڌ سندس ڏار ڏسان ٿو
بنا رشوت ڪو ڪم ڪرڻ جائز نہ رهيو هاڻي
پئسن تي هر ڪم ڪرڻ لئہ ديوانہ وار ڏسان ٿو
ڪتاب پڙهڻ جو دور وڃي پيو ميٽجندو هاڻي

سمارٽ فون جو وچايل ويتر وڏو چار ڏسان ٿو
ماڻهن کان ويو موت وِسري سڀ بيگانہ آهن
نيڪي ڪرڻ کي سيکو سمجهي عار ڏسان ٿو
ڌوکو فريب هاڻي هنر بڻجي وڌندو رهي ٿو
ٺوڳي بڻيل هِت هنيانءَ جو ٺار ڏسان ٿو
رحم کان روح اکثر خالي نظر اچن ٿا پيا
پنهنجو پيٽ پرڻ لاءِ سيکو تار ڏسان ٿو
عزت واري ابي جي گهر ۾ آ اياڳو ڄائو
ڪُڌي ڪَرتوتن وارو بڻيل ڪار ڏسان ٿو
جنهن پالي نِپائي وڏو ڪيو جوڌو جوان
انهن مٿان بڻيو اڄ هو جو بار ڏسان ٿو
هر هوٽل هاڻي آباد آستانو بڻيل رهي ٿو
مولا جي مسجد خالي ايمان ۾ ڏار ڏسان ٿو
مسڪين رهي سدائين مونجهاري منجهہ
اميرن کي ايمانداري الائي ڇو خار ڏسان ٿو
اخلاق ۽ انصاف جو جنازو ڪڍجي ويو آ
هت هاڻي هر هند گلا غيبت ۽ گار ڏسان ٿو
ثمر سبزي اناج پکي جانور مڇي سڀ
هائبرڊ هاڻي، ٽيسٽ ٽيوب ٻيبي ٻار ڏسان ٿو
اباڻي تهذيب وئي وسري آهي سفا هاڻي
بواءِ فرينڊ گرل فرينڊ غير ٻانهن هار ڏسان ٿو
احترام اڳيون ويو معاشري مان موڪلائي
هاڻي هر ڪنهن جو اندر ماڻهو مار ڏسان ٿو
استاد ادب سيکاري ادب جو اوتارو آهي

شاگرد جو رويو سندس سيني تير پار ڏسان ٿو
مُحب جيڪو مئل آهي معشوق اڳيان
ان سان سينو ساهيندي هِت يار ڏسان ٿو
ننڍي وڏائي جو وجود وچي پيو واڪا ڪندو
پئسي جي پوڄاريءَ جو ٻيڙو پار ڏسان ٿو
مسلم آهي ايمان سلامت ناهي بچيو باقي
هر ڪنهن جو هاڻي دامن داغدار ڏسان ٿو
واعظ ڪري مسجد ۾ پڙهي نہ ڄاڻي پاڻ ٿو
گفتار سِڪي گونجدار تقرير ۾ ڊار ڏسان ٿو
عزت واري جو پٽڪو لاهڻ ۾ دير ئي ناهي هاڻي
ڳاڙهي ٻوڙ وارن جو سو سپه سالار ڏسان ٿو
حرام جي پويان لڳي ٿو حلال هو هڙ وڃائي
ڌوڪي ساڻ ڪمايل رهي مينگهه ملهار ڏسان ٿو
ڪير ڪچي تنهن اڳيان ڪونڌر آ ڪنڌار ٻٽيو
ابو ٻڌي ٻانهون پوتي پيرن تي پٽ پڳدار ڏسان ٿو
اڃان بہ وڃُون ٿا سماج جو ستيا ناس ڪندا
برو ٿيندو اڃان اسان سان اهڙو آثار ڏسان ٿو
جيڪو پوکيو آهي سو ئي لڻنداسين اسان سڀ
هاڻي پنهنجو پوکيل فصل سو تيار ڏسان ٿو
”انمول“ اباڻا ويا سڀ پنهنجو وارو وڃائي ويچارا
”سوڍر“ سماج سان سُورن جو ساٿار ڏسان ٿو

جام ڏسان ٿو

اعجاز علي سوڍر"انمول"

سرعام روڊن تي نچندي اڄ جون عورتون عام ڏسان ٿو
چند روپين عيوض ڏيندي هئڙي عزت نيلام ڏسان ٿو
ظالم اڳيان ساڻاري ٻڌيل وڪاميل خان ڏسان ٿو
انصاف لئہ چادر لٿل نياڻين کي پيي جام ڏسان ٿو
ابي جو احترام ناهي، هتي جيجل رڳو روئڻ ۾ آهي
پيءُ سان پئسن لئہ وڙهندي پٽ پهلوان ڏسان ٿو
ڪائڻ لاءِ گهر اٿو ناهي، پيءُ ٿو پوڙهو ڪمائي
هزارن جي موبائل هٿ ۾ حاجي صاحب حيران ڏسان ٿو
ييڻ کي ييڻ نہ ٿو سمجهي، زال سندس زناور آهي
ٽوپ نراڙ تي مٿ تي سگريٽ پيئندي پاڻ ڏسان ٿو
پڙهڻ لاءِ پٽ تيار ئي ناهي، گهران نڪري ٿو پاڻ کي ناهي
پٽيندو رهي سدائين نوڪري لئہ هٿ ۾ هيڏو ديوان ڏسان ٿو
ووٽ وٺڻ لاءِ وانو ويندو، آزيون نيزيون آنهون ڪندو
ڪرسي ملي ڪامورو ڪڏي نہ ڪنهن جي ڪاڻ ڏسان ٿو
لڪين روپيہ پڳهار سائين صاحب سرڪار ڏسان ٿو
پنندڙ ڪان بہ رشوت وٺندي وهنوار ڏسان ٿو
بنا پئسي ڪم ڏيڻو ناهي صاحب ٿو پنهنجو گهر ناهي
حرام ڪمائي عياشي ۾ ڪپائي صاحب سرعام ڏسان ٿو
پيغمبري پيشو جنهن جو آهي ٻچو هٿ سو پيي ناهي
ساري عمر سيڪاريندڙ آفيس منجهہ ناڪام ڏسان ٿو
هٿ هنيلا هڙئي هئڙي، پئسي جا سڀ پوڄاري آهن
مطلب خاطر محبت هئڙي سلامت ناهي سَام ڏسان ٿو

غريب جي غربت مذاق مڙوئي غريب جي جَوءِ جڳ ياجائي
امير اوطاقون وانا واڙيل غريب لئہ پو غمسان ڏسان ٿو
سنڌ سدائين سورن ۾ لالچي لوڀي سڀ لٽي ويا سارا
راتيون روئندي رڙندي هٿ امڙيون اهڙيون يار ڏسان ٿو
هر هنڌ رت جي رولي، گار گند ويڙهہ بندوق ۽ گولي
شرم حياءُ ويو هٽڻان هاٽي هر هنڌ هيسِيَل هنيانءَ ڏسان ٿو
کھڙا کھڙا سُور سليان مان سائين هن ستايل سنڌ جا
”سوڍر“ سُور سوايا انمول ابوجھ عوام سان آزار ڏسان ٿو

ارے ہم تو غم کو خود غم دینے والے تھے
نم آنکھوں سے بھی دل لبھانے والے تھے
وہ کہتا ہے ہم کو عشق کی عین کا علم نہیں
ہم پل پل اس کی یاد میں جلنے والے تھے

سائين شفيق احمد شفيق چنا (خليفو) لاءِ اعجاز جو اظهار

اُڪير اُجايل اُلفت سَندو هِت اظهار ٿيو،
محبت پائي مَن ۾ نِينهن سندس نِروار ٿيو،
سچائي پريل سَراپا هو، نيٺ نِوڙت وارو،
هي سارو سنسار سندس گويا پَرِيوار ٿيو.